# ميراٽي سندري

ليکڪ:

پروفيسر نارائڻداس ر. ملڪاڻي.

قيمت ١-١٢-٠

١٩٣٦

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ:

ڪوڙومل

# ميراڻي سنڌڙي

ليکڪ:

پروفيسر نارائڻداس ر. ملڪاڻي.

قيمت ٠-١٢-٠

ڇاپو پهريون | جلد ١٢٥٠

١٩٣٦

ڇپائيندڙ:

ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل

ڪاهي رستو، حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

# نوٽ.

سنڌ جي جهوني تواريخ جي کوجنا ٿوري ٿي آهي، جنهنڪري سنڌ جي جهوني اِتهاس بابت ڪي بلڪل ٿورا ڪتاب ڇپيل آهن. جڏهين پروفيسر نارائنداس ملڪاڻي پنهنجو لکيل ڪتاب ”ميراڻي سنڌڙي“ مونکي ڏيکاريو تڏهين خيال ٿيم تہ اهڙو ڪتاب ڪوڙيمل ساهت منڊل پاران ضرور پڌرو ڪرڻ گهرجي. پر سنڌ ۾ ڪتابن جي ڪاپي جو حال مونکي ساريو پيو آهي، سو دل ۾ هنيم، پر ڪن سڄڻن کان ڪجھ مدد جو آسرو مليو تڏهين ڇپائڻ جو آرنڀ ڪيم.

پروفيسر ملڪاڻي هيءَ ڪتاب ڪيترن اَنگريزي ڪتابن جي آڌار تي تمام گهڻي محنت ڪري سهڻيءَ سنڌيءَ ۾ لکي سچ پچ سنڌي ساهتيہ جي وڏي شيوا ڪئي آهي. سنڌواسين کي سندس ممنون ٿيڻ گهرجي جو هن صاحب وقت ۾ وقت عمدا ڪتاب لکي بنا ڪنهن اُجوري جي ڇپائڻ لاءِ ڏنا آهن.

منڊل جي پاران گهڻي قدر شڪرگذار آهيان پروفيسر نارائنداس ملڪاڻيءَ، ۽ پڻ مسٽر پرمانند ميوارام جو، جنهن صاحب تڪليف وٺي سڄو ڪتاب نظر مان ڪڍيو ۽ پروف ڏنا، ۽ اُنهن سڄڻن جو بہ، جن ڪتاب جي ڇپائڻ لاءِ پئسي جي ساهتا ڪئي آهي.

حيدرآباد سنڌ،<br>
۲۰ آگسٽ ۱۹۳۶ع.

**هري سندر روپچند،**<br>
سيڪريٽري،

ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل.

# فهرست

Lieut. R. F. Burtan—
"Sind"

ليفتيننٽ - آر- اين - برٽن جي سنڌ تي لکيل ڪتاب تان ورتل:


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| سنڌ مان فائدا | ١ |
| ڪراچي | ٢ |
| سنڌ ۾ انگريز | ٣ |
| واهن تي آبادي | ٧ |
| ڍلن جو سرشتو | ٩ |
| سنڌي ٻولي | ٢٠ |
| مسلمانن جي تعليم | ٢٤ |
| سنڌي تهذيب | ٣١ |
| شراب نوشي | ٣٥ |
| گناه | ٣٦ |
| بروچ | ٣٩ |
| شيدي غلام | ٤٤ |
| عامل | ٤٦ |


Seth Naoomal Hotchand's
"Memories."

سيٺ نائومل هوتچند جي ڪتاب تان ورتل


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ڪراچيءَ جو بنياد | ٥٢ |
| ذڪر | ٥٥ |
| مذهبي تعصب | ٧٤ |
| صدر بزار ۾ دڪان | ٦١ |
| عربي سنڌي اکر | ٦٥ |


Dr. J. Burn's "Visit to the Court of Sind."

ڊاڪٽر جي- برنس جي ڪتاب تان ورتل


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ميراڻي دربار | ٦٧ |
| مذهبي تعصب | ٥٦ |
| اميرن جا خيال | ٨٠ |
| اميرن جي رهڻي | ٨٤ |
| فوجي طاقت | ٩١ |


Gul Hayat Institute

# مهاڳ.

سنہ ١٧٥٨ع ۾ انگرن جو سنڌ ۾ پير پائڻ ٿيو، پر ڪجھ وقت تائين اميرن ۽ سنڌي صلاحڪارن جي شڪن گمانن ڪري انگريزن جا عيوضي سنڌ ۾ پنهنجو پير کوڙي نہ سگھيا. پوءِ جڏهين پنجاب ۽ اَفغانستان جون حالتون بدلجڻ لڳيون تڏهين انگريز سرڪار سنڌ جي حاڪمن سان دائمي ناتي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهنڪري گهڻيئي آڏا آر اورانگهڻا پيا، پر نيٺ ١٨٣٢ ۾، ۽ وري ١٨٣٤ ۾ "ٻہ ٻيا صلحناما لارڊ وليم بينٽڪ ۽ مير مراد عليءَ جي وچ ۾ صادر ٿيا." تنهن وقت کان وٺي ڪئين عالم انگريزي آفيسر سنڌ ۾ آيا، ۽ سنڌ کي ڏٺون ۽ آسپاس پريو ملڪ سمجهي سنڌ ۾ موجوده حالتن مان پاڻ کي واقف ڪيائون. جيڪي ملاقي ٿي آيا تن مان ليفٽيننٽ برٽن، ڊاڪٽر برنس، مسٽر پوسٽنس، ڪرنل ڪيٽ، ۽ ڊاڪٽر هيڊل مشهور آهن، ۽ انهن صاحبن جيڪي ڏٺو ٻڌو تنهنجو دلچسپ بيان لکيو. سنڌ ۾ بيان اڪثر ڪري ميراڻي راڄ بابت هو، ۽ هيءَ "ميراڻي سنڌڙي" انهن جي لکيل ڪتابن مان چونڊ گلدستو ڪري ڇاڻو. انجي خوشبوءِ توڙي بدبوءِ انهن

جون آهن. ...... سبب جو بروچ سردارن ۽ سندن خدمتگارن آباد ۽ پليون زمينون ڀاڙ ڪٽي هٿ ڪيون" (١٠٨). سنڌي مسلمان اڪثري غريب مسڪين ٿا ٿين. رستن گسن تي ڏسبو ته ڪٿين ڪتنب مٽيءَ مان جون جون جا داڻا وينا چوندين. اسانجي راڄ هيٺ مسلمانن جي حالت اڳي کان بدتر آهي." (١٠٨أ). ماڻهن جي ذليل حالت جو هڪ مکيه سبب هو نشو ونڊ. سڀ فرقا ۽ درجا خوب پياڪ هئا. دارون ۽ آفيم مٿئين درجي جا ماڻهو پيئندا هئا. "عام ماڻهو ته ڀنگ پياڪ آهن، ۽ اهڙا علتي تي پيا آهن جو انهيءَ کانسواءِ سرين ئي نٿي." (١١٣) "چلم هر ڪو ڇڪي، ۽ هن طرف جي چلم ڏسڻ جهڙي آهي." (١١٢) چوري خسيس يا ڳري- عام جام ڏوهه هو، ۽ هٿيارن بنا چوري شرمساري سمجهبي هئي. "مالڪي حق بابت هلڪا خيال اٿن، جو ٻين جو چوپايو مال قدرتي طور آزاد ٿا سمجهن، ۽ جنهنکي وٽي سو ٻين جا حق غصب تو ڪري." (١٣٦) "ڪوڙ ڳالهائڻ ته سيني جي پيٽ ۾ پيل آهي... قسم کي ڪوبه وزن نٿا ڏين." گناهه بابت لکندي برٽن چوي ٿو ته "سنڌي هرويرو بڇڙا ۽ ويل نه آهن. ڳرا گناهه ورلي ٿا ٿين، ۽ انهيءَ ڪري سزائون به سخت نه آهن. خونيءَ کان سڀ ڌڄن ٿا، ۽ 'خوني' لفظ نفرت جو لفظ آهي." (٣٦) "انهن جبل جي خوني

ٻروچن تي اميرن جو ڪو به ضابطو ڪونه هو، پر سندن رعيت صلح پسند ۽ سکي آسودي هئي." (١٣٩)

"سنڌي هاريءَ جو رواجي کاڌو جوئر هو. منجهند جو جوئر جو روٽلو تنهن سان بصر ڳنڍي ۽ گڏ ذرو خاصي خوراڪ سمجهبو هو؛ پر سانجهيءَ جو ڪڏهين چانور دال کائيندا هئا. جنڪان پڇي سگهي سي مڇي کائين، ۽ غريب عالم کير بدران مکڻ وڪڻي ڇاڄ ئي پيئندو هو. تهذيب جي نزاڪت ونبي ته سنڌي هندوستانيءَ اڳيان بيهي نه سگهندو. "سنڌ جا امير ۽ سفيد پوش ته ايراني دربار جو نقل ڪندا هئا، جو نه سهڻو نه شائستو نظر ايندو هو. هيٺئين درجي جا سنڌي ونبا ته ڪين اُٺ وهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ گنوار ئي سمجهبو. کهڙو به مسڪين مسلمان ڪونيءَ ۾ پيئو ته پٽ تي ويهي وچم ٻوڪ ڇڏيندو." "هيٺئين درجي جي سنڌين جي روش ڏارين سان فضيلت جي نه آهي. پر جي ست جو مت ملين ته کهري پوڻ جي مجال نه تيندين." "دنيا جي هن ٽڪر ۾ وطن لاءِ حب اڻ لپ وت آهي." "جي اسين سنڌ ڏي رخ ڪٽي رکون تہ عام خلق ڏي نظر ڪندي، سنڌ جهڙي سولي فتح ٻي خيال ۾ اچي نٿي سگهي." "اميرن جو لشڪر هوهندان جڻن ٽئن گڏ ڪيل، گوُنان گون، چٽرنگو، ٻي ڍنگو، زردوست مجموعو آهي."

سنڌ جي هندن بابت برٽن لکي ٿو ته "تيز فهميءَ ۽ عقل جي بازيءَ ۾ سندن مٽ ڪونه هوندو. هندوءَ کي حساب ڪتاب لاءِ ڪا خاص ڪوپري آهي... جتي طرفداري ڪانهي اُتي جلد هندو مسلمان مٿان چڙهي ڪين زيردست ڪن ٿا." "ٽنديا امير انهن 'ڪافرن' جي مدد ڪانسواءِ پنهنجو خسيس ملڪ سنڀالي ڪين سگهيا. تنهنڪري اميرن جي ايامڪاريءَ ۾ به هندوءَ مسلمان متفرق درجن ۾ ورهايل هئا: هڪڙا لهڻيدار ۽ ٻيا قرضدار. (١٠٣) "هي ملڪ جيڪڏهن واپار ۾ وڌيو، هندن جي ڪري ئي وڌندو ويجهندو... انهيءَ لاءِ جيڪا قابليت گهرجي سا منجهن موجود آهي، ۽ اها ڏيکارڻ لاءِ فقط اسانجي حفاظت جي ضرورت آهي." (١٧٠) شڪارپوري هندن ديس ڇڏي پرديس ۾ صرافيءَ جون ڪوٺيون وڃي کوليون. پنجاهه سالن اندر وچ ايشيا جي ڳچ ڀاڱي ۾ زور وٺي ويو. سندس درسي هنديون ڏوراهين ڏيساورن ۾ ٿي هليون. "هاڻي غور ڪر ته جن پنن ۾ هڪ سوني سڪي لاءِ ماڻهو جان ٿا مارين اُتي ڪاڳر جا ٻه چار رهڙيل پرزا ڪهڙا نه ڪارائتا ٿيندا." (١٩٤)

پر مٿن گهڻيئي مصيبتون نازل هيون. "سنڌي سرڪار يا سنڌي رعيت ۾ ڪي جزوي خوبيون آهن، پر ديني آزادگي خير ڪا آهي. دين اسلام ڦهلائڻ ۾

Gul Hayat Institute

جهڙو زور زبر آهي اهڙو بئي ڪنهن ڪم ۾ ناهي."
(٥٧). بت پرستيءَ کي پاڙون پٽڻ لاءِ مسلمانن ڪي هر طرح چيڙيو ۽ آياريو تو وڃي. انهيءَ مذهبي تعصب ڪري ساڻن جيڪا 'وحشي هلت' ٿيندي هئي سا برٽن، پوسٽنس ۽ سيٺ نائونمل جي احوال مان معلوم ٿيندي. انهيءَ جو اثر سندن رهت رهڻيءَ تي نهايت دکدائڪ ٿيو. "سنڌي هندو نهايت گندا ۽ هلت ۾ پيچباز. يهوُدين وانگر آزايل ۽ ڌڪاريل. ٻهرويس هندوستان ۾ نيات پاڻ جهڙو، مگر سپ مسڪينيءَ جو بيکه پائي ملڪيت پيا لڪائيندا... جئن هندوستان جا هندو ٻاهران آبرودار ۽ فضيلت وارا تئن سنڌ جا هندو نه آهن. پلا هت ملڪ جي ريت تي هلڻ تڏهين مس رهي سگهن. رواج مسلماني، لباس مسلماني، گنديون عادتون، ميروبت." مطلب ته سنڌ ۾ هندوءَ جي پوري پيٽ يورپ ۾ يهودين سان ئي ڪري سگهجي ٿي. سندين خصلتون به اُهي ۽ خاميون به اُهي.

باقي سنڌ ۾ رهيا سنڌ جا امير ۽ سندن رهڻيءَ جون ئي کي تصويرون هڪ خيال سان وٽندڙ ڇڏي سگهجن ٿيون. "مسلمان حاڪم جهڙا ڪامي ۽ عياش اڪثري ٿين ٿا تهڙا سنڌ جا حاڪم نه آهن... خاطري آهي ته اُمير ڪا به نشيدار شيءِ ڪين ورتائيندا آهن. دربار ۾ حقي جو نشان به ڪونهي ۽ ساري ڪتنب

Gul Hayat Institute

آءٌ سنڌ جي پڙهندڙن اڳيان پيش ٿو ڪريان. اڪثري اسان سنڌين کي سنڌ، اڳين ۽ توڙي هاڻوڪيءَ بابت گهٽ واقفيت رهي ٿي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي ساهتيه ۾ گهڻو اڳ ڇپجي پڌرو ٿيڻ کپندو هو. مون ٻه سڄا سارا پنج سال سانديي پوءِ وڃهه وٺي ١٩٣٦ ۾ پڌرو ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي، تنهن لاءِ ڇپائيندڙن ۽ سنڌي ساهتيه جي ڪوڏين ڪيرون لهڻيون. ڀلا سنڌي ڪتاب، ۽ ڀلنامو نه هجي، سا ڪا ٿيڻي؟ شايد سنڌي ڪتابن جو اهو مرڪ آهي.

نارائنداس رتنمل ملڪاڻي،

هريجن شيوڪ سنگهه، دهلي.

# پلناهو

| صفحه | ست | پُل | صحیح |
|---|---|---|---|
| ۲۳ | پوئین | شهر | شعر |
| ۲۴ | ۲۰ | ویدو | ویندو |
| ۴۰ | ۱ | الودي | الودو |
| ۶۴ | پوئین | سندس | سندن |
| ۷۱ | ۱۳ | دوازي | دروازي |
| ۷۴ | ۳ | ۾ | — |
| ۷۸ | ۱۸ | خوهیش | خویش |
| ۹۴ | ۲۲ | جهڳین | جڳهین |
| ۱۰۲ | ۱۱ | حجب | حجت |
| ۱۰۶ | ۵ | اعلمالن | اعمالن |
| ۱۰۷ | ۵ | تورا ۾ | — |
| ۱۱۴ | ۳ | پیاڪ | پیاڪ |
| ۱۲۶ | ۱۴ | چترڻ | چترڻ |
| ۱۵۴ | ۱۶ | اٿن | اٿس |
| ۱۶۵ | ۱۳ | ۾ | ء |
| ۱۶۶ | ۷ | جن | ڪن |
| ۱۶۸ | ۲۰ | آهي | آهن |
| ۱۹۱ | ۱۸ | چوڪرا | چوڪرو |

Gul Hayat Institute



مير فتح علي خان



مير نصير خان



مير عليمراد خان

Gul Hayat Institute



مير رستم خان



سيٺ نائون مل



مير علي نواز خان

Gul Hayat Institute

# ميراڻي سنڌڙي

## (١) سنڌ مان فائدا

سنڌ جي هاڻوڪي حالت ڏسي سمجهاڻو ته منجهانئس هي فائدا آهن: هڪ ته هن ملڪ کي گهڻو ٺاهي سگهجي ٿو. فوجي ۽ واپاري مدنظر کان ڪمائڻو ٿيندو. جهونين عمارتن، عاليشان اڳين ڪوٺين ۽ تواريخ نويس توڙي مسافرن جي احوالن مان ملڪ جو ڪنهن زماني اعليٰ اوج معلوم ٿئي ٿو، ۽ سمجهجي ٿو ته سنڌ هن پٺتيءَ حالت ۾ نه هئي. سنڌ جي زواليت جا ٻه سبب سمجهن ٿا: هڪ گهرو قوت، ٻيو ٻاهريون ڪاهون. ڪاهن ڪري ڏڪر، مرض ۽ ڀاڄ ماڻهن جي وسنءِ گهڻي گهٽائي ڇڏي. پر هن ملڪ کي وري چاق ڪري زور وٺائڻ اسانجي همت وس آهي. گذريل ٽن سالن جو آزمودو ٻه ڏيکاري ٿو ته سنڌ اسانجي فوج ۽ فوجي سامان رکڻ لاءِ عمدو مرڪز آهي. هتان اُتر ۽ اُتر-اُيرندي جي سرحدي ملڪن تي ٻغلي (flank) حملا ڪري سگهجن ٿا. سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ اسانکي ڪل پيئي آهي ته اميرن وٽان مدد مليل ها ته پنجاب جا سک، اُتر اُلهندي جا پٺاڻ ۽ اُلهندي جهڙن شوخ مذهبي

قومون اسان تي ڪهڙيون نه غضبي ۽ دردناڪ جلهيون ڪري سگهن ها.

ٻئي پاسي واپار جي نڪته نظر سان به سنڌ ملڪ ڪارگر ٿيندو. هن وقت مڪران توڙي ڏکڻ ايران جي بندرن جو واپار گهٽ آهي، پر هن طرف قافلن جي آمدرفت خوب جاري آهي. مثلاً سون مياڻي، گُوادر، بڪر، بندر عباس، وغيره ڪنهن زماني نهايت سکيا آسودا هئا. پر اڄ واپار جي اهڙي موري آهي جو ڪنهن به وقت خريد ڪرڻ يا علهنامو ڪري مٿن دخل ڄمائڻ ڪو مشڪل ڪم نه آهي، ۽ جي هن طرف اسين اَمن اَمانيءَ جو انتظام رکنداسين ته وچ ايشيا ۽ آس پاس جو واپار به مرضيءَ موجب قبض ڪري، سنڌ و بمبئي سان ڳنڍي سگهنداسين. اها منهنجي اميد هرو ڀرو فضول نه آهي.

## (٢) ڪراچي

اڳ ڪراچي مڪران جي حد اندر هئي. پوءِ ته ٽالپرن قلات جي خان کان اها کسي ورتي. هن وقت آستاني حڪومت جو صدر مڪان ڪراچي آهي. ڪراچيءَ جو ٽالو هن ڪري ٿيو آهي. هڪ ته سنيءَ سهنجي هنڌ آهي؛ ٻيو ته آب هوا تڏيري ۽ صحت بخش اٿس، جنهنڪري سنڌ جو صحت گاهه ليکجي ٿي؛ ٽيون ته ڪراچي بندر جو ايران، عربستان ۽ الهندي هندوستان سان واپار جو هلاءُ تيز آهي. مگر شهر اندر هڪ زبون

Gul Hayat Institute

هنن جهنگلين کي کين ڪچيو، تڪي ڪي سنڌ اندر ته ڏهن ڪو فائدو ئي نظر آين. حڪومتن جي وچ صلح سانت قائم رهيو.

سن ۱۸۰۹ ۾ هند سرڪار کي نيپولين جي ڪاه جو خطرو نظر آيو، تنهنڪري منهن ڏيڻ لاءِ ايران، ڪابل ۽ سنڌ جي حاڪمن ڏي ايلچي موڪليا ويا.

ٽالپرن جي آڪڙ ڏسي انگريز ڪڪ ٿي پيا، ۽ بيزار ٿي صلاحون ڪندي، نيٺ ڪمپنيءَ پاران مسٽر هيٺنڪي سمٿ ۽ ٽالپرن جي وچ صلحنامو صحيح ٿيو. مکيه شرط هي هئا:- ڌرين جي وچ دائمي دوستي، ڌارين ۽ خاص ڪري فرينچن ۽ آميريڪن تي بندش، ۽ هڪ ٻئي ڏي ايلچي موڪلڻ.

دوستيءَ ٿورا سال ٻنڌاڻ ڪيو. پر ۱۸۲۵ ۾ اميرن اسانجي دوست ڪڇ جي راو تي حقو ناحقو جلهه ڪئي ۽ اسانجي حد اندر ڪوسا ۽ پيا ڦورون ڪاهي پيا. سو ڏکي وهارڻ لاءِ اسانجي پنجن ڇهن هزارن جي نيڍڙي فوج سرحد تائين ترت آندي ويئي. اميرن به اُمالڪ جنگ جو سبب ڪٽي دور ڪيو.

سن ۱۸۳۰ ۾ ليفٽيننٽ برنس جو درياهه رستي رنجيت سنگهه جي دربار ڏي سفر شروع ٿيو. رپورٽ لکندي ڏيکاريائين ته درياهه ۽ درياهه لڳ، يا پراڙ ملڪن سان ناتي ٻڌڻ ڪري ڪهڙا فائدا ٿيندا. اُها پڙهي هند سرڪار واجهه وڌا ته سنڌ دربار سان نئين سر ناتو ڳنڍجي.

ڪورٽ ۾ دانهون ويون، توڙي تعداد ڪري سندس گهرج تي ته ڪجهه ساهه پئجندو هو. پر جي ٻيءَ ايندي هيس ته مرڳوئي ٽيڙ ڪٽي پئجي ويندو هو. تنهنجو ڇڱيرو اثر ٿيندو هو، جو عسد وچون ڪو اَمير ڪونه چاهيندو هو ته منهنجا ماڻهو پئجي وڃي ٻئي جي پناهه وٺن. ڳوٺ ۽ واهڻ ٻه اڄ آهن تن سپاڻي نشان نه لڀندن. ٻيو ته نهيو پر مٿان ڪڪڙن جي بانگ ڪري شڪار ٿهي وڃي تنهنلاءِ سڀئا ڳوٺ لڏائي ڪيندا هئا. البت ڪي ڳوٺڙا اهڙا ٻه هئا جو اڄ هت ڏنا، سپاڻي هت اڌ يا ٻينا آهن. هر هڪ ڇهڳيءَ روايت ته خرچ ڪاڏو ته گهڻو ٿيو.

## (٥) ڍلن جو سرشتو.

ڇهڙيءَ طرح ٻين اسلامي حڪومتن ۾ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻه اميرن اسمن هيٺ رعيت کان ڍل وصول ڪندا هئا:-

(١) عام ڍلون، جي حڪومت جي آمدني هيون.

(٢) خاص ڍلون جي حاڪم لاءِ دستوري وصوليون هيون. انهيءَ مصيبت ۾ هر حالت ۽ هر درجي جا ماڻهو مبتلا هئا، ۽ ڍلون ٽئين حصي کان وينديون نفع جي اڌ تائين اها سرڪار اُڳاڙيندي هئي جا رعيت کي اڃهو ۽ امداد ڏيڻ بدران قرمار ڪرڻ ۽ دغا ڏيڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺي هئي.

عام ڍلون ٽن قسمن جون هيون:- (١) زميندار ڍل، سر شماري، ۽ سٿر.

[illegible]

Gul Hayat Institute

مان سنڌ لنگهي ڪراچيءَ کان بمبئي تي روانو ٿيو سو ٻه آجو ڪين هو. ڪن حالتن ۾ جڏهن گهڻ ءَ اَن هڪ شهر مان ٻئي شهر ۾ ويندو هو ته ٻه وڪري وقت سڄو ورتو ويندو هو.

ڪن هنڌ سڄو اُڳاڙڻ جي ڪاروبار اَمانين جي هٿ هيٺ هئي؛ ٻين هنڌ اجاريدارن کي ٺيڪو ڏنو ويندو هو. وڏن واپاري سيٺين سان خاص رعايتون هيون، ۽ جتي ٻيا پنج يا ڇهه سيڪڙو ڍل ڀريندا هئا اُتي هي فقط ٻه يا ٽي روپيه سيڪڙو ڍل ڀريندا هئا. ڪو اهڙو شاهوڪار جنهن ۾ اَميرن جو ايمان هوندو هو، يا جو سنڌن لاءِ وقتي ڏنڊو ڏاڙي ڪندو هو، تنهن کي وڪري مهل ترت ڍل ڀرڻ جي تڪليف نه ٻه ڏيندا هئا. ڪن تي مهرباني ڪندا هئا ته ڍل جي پنجين يا ڇوٿين پتي معاف ڪٽي ڪندا هئا، ۽ ائين ذرا عام جام ڪندا هئا؛ ڇو جو آخر هو ڄ وري ٻـ اجاريدارن کي تي رسيو.

سڄو کان سواءِ ڪيترا سردار وري راهداريءَ جي چٽي اُڳاڙيندا هئا؛ مثلاً جوکيُن جو سردار پنهنجي حد اندر هڪ آني کان ٽي آنا في (اُٺ جي) نٽ تي چڪيندو هو. اهي خاص ڍلون ڪئين هيون ۽ ڪي بلڪل خسيس هيون. هيٺين ننڍي ياداشت مان ظاهر ٿيندو ته ڪهڙي اُدم ۽ اٽڪل سان سنڌ جا حاڪم سيٺين تي ڍل جو ڪيچ نه بوجو وجهندا هئا.

Gul Hayat Institute

(١) پيش ڪش مهاڄن: سنڌي هندو قوم ايڏي وڏي ۽ هلنديءَ واري هئي جو ڪاٺن جزيئمت ال عنود (جا قران موجب اسلامي حڪومت اندر ڪافرن کان هن وقت به ورتي ويندي آهي) کان اُڳاڙبي هئي. واٹيا دڪاندار سالياني پنجن ڏهن روپين جي پيش ڪش پرڻ وڏيڪ پسند ڪندا هئا. فقط مرد ڏيندا هئا. وڏا واپاري ۽ سڀ سرڪاري عملدار انهيءَ کان ڇٹل هئا.

(٢) سرشماري اسنفگران:- رنگريز، واپا، لوهار، رازا ۽ ٻين ڌنڌن وارا ڏيندا هئا. سراسري هرهڪ بالغ مرد کي ساليانو ٽي رپيا پرڻا پوندا هئا.

(٣) دلالي- هرڪو دلال قافلن ۽ ٻين مسافر واپارين لاءِ ڌنڌي ڪرڻ جي اجازت واسطي اُمير کي ڪا نندي رقم ڏيندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو دلال بنا اِجازت واپاري سودو نه ڪري سگهندو هو ۽ جي ڪري پنهنجي سرمال جو نيڪال ڪندو هو ته به دلالي پرڻ لاءِ ٻڌل هو.

(٤) هوائي- ٻڌل يا پڳل جهاز مان نڪتل مال سرڪاري دستوري هو.

(٥) فروعي- جي اُٺ، ٻڪريون يا ٻيو چرندڙ مال آباد کيل يا پيل ٻڌل زمين ۾ گهڙي ويندو هو ته سڄو ڏڻ يا گلر وڪڻي حاصلات حاڪم جي کاتي ڪٺي ويندي هئي. تنهن مان نه ڏڻ جي مالڪ نه زمين

جي مالڪ کي ڪجھ نصيب ٿيندو هـو. روَل مال ۽
هڪدم هٿ نه ڪيو هو ته ضبط ڪيو ويندو هو.

(٦) چرخي - اها ڀل باغات ۽ ٻين زمينن تي
نارن پنيان بدل هئي. علائقي علائقي ۾ ٻيا ٻيا نرخ هئا ۽
اڪثر چرخي جي مقدار تي منحصر هئي.

(٧) ڇَٽابو - قدرتي پاڻيءَ تي ڀل هئي جا زميندار
ڀريندا هئا. پر سڄي سنڌ ۾ عام نه هئي.

(٨) اجاره ڪوليا - سيلابي ٽڪر ۽ منڇر، منهاري
۽ ٻيون ڍنڍون سرڪاري نوڪرن کي ٺيڪي تي ڏنيون
وينديون هيون. اهي ڪک، ڪانهون، شڪار جا پکي،
ٻيرط، ڪمين، وغيره جي نفع مان ٽين پتي يا اَڌ سرڪار
کي ڏيندا هئا.

(٩) اجاره ٻيڙط - پتڻن جو ٺيڪو هوندو هو ۽ پاتڻي
في مسافر تي پئسو يا ٻه پايون اُڳاڙيندو هو.

(١٠) شڪار ماهي - مهاڻن کان، ڪاٺ، ٻڪري ٻلي
ماريندڙن کان سرشماريءَ کان سواءِ پئدايش جو اڌ يا ٽين
پتي وصول ڪئي ويندي هئي.

(١١) سردرختي ۽ زيردرختي - زمين ڀل ۽ باغات
ڀل کان سواءِ خاص ميوات، مثلاً انب، کجور، مٽن
عـسيس ڀل ڀريندا هئا. ميوو پچڻ کان اڳ ڪاردار جاچ
ڪرائيندو هو ۽ سردرختيءَ هيمث آنو درخت تي لڳائيندو
هو. زيردرختي ميوو پچندي؛ سرڪار جو ميوي ۾ حصو
۽ اهو حصو اڌ يا ٽين پتي هوندو هو.

(۱۲) ترازؤ- اهي وصوليءَ آن، ميوي ۽ ٻين خوراڪ جي شين تي بزار ۾ وڪري مهل ڏيندي هئي، نقد ۽ سراسري پنجن سيرن تي ٻٽسو هوندو هو. سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾ شهر اندر ڪير وڪري لاءِ ايندو هو ته ٻاهر دروازي تي محصول ڏيڻو پوندو هو، ڪن ڪن هنڌ ته مالڪ اجاره جڦرت پرڻ کان اڳ پنهنجو مال نه ڏهي سگهندو هو.

(۱۳) سلامتي ڪشتي- ڪوبه جهاز يا ڪشتي مال يا مسافرن سان بندر تي سلامت پهچندو هو ته اجاريدار سلامت پهچڻ لاءِ چار آنا في ونندو هو. ٻگهه لڳندو هو ته وري رقم. نت نت جا ڇهه آنا اُڳاڙيندو هو. في گهوڙي مٿان اَٺ آنا سلامتي ڏيڻا پوندا هئا.

(۱۴) مويشي- گهوڙي، خچر، گڏهه، اُٺ، ڳئون جي وڪري تي، سرڪار روپئي تي آنو وٺندي هئي.

(۱۵) ريزڪي- اهي ننڍن واپارين تي پئل اڪثري ٽيڪي تي ڏني ويندي هئي. سڀ خريدار روپئي تي آنو ۽ جنهن قيمت هڪ سؤ کان مٿي اُٿي پنج روپيه سيڪڙو ڏيندا هئا. شاهوڪار فقط چار روپيه سيڪڙو ڀريندا هئا.

(۱٦) پنڇري- في اُٺ تي ماهوار اَٺ آنا، مينهن جا چار، ڳانءِ جا ٻه، رڍ ٻڪريءَ جو آنو. اهي به اجاريدار اُڳاڙيندا هئا.

Gul Hayat Institute

اميرن ۽ پاڻ به جاوا ڪندا هئا ۽ پنهنجن ڏٽين کي به مڪائيندا هئا.

(۱۹) ڄرمانو يا ڏنڊ- هر ڪنهن گناهه لاءِ ڏنڊ آيو رهيو ۽ موت جي سزا ڏيڻ کان حاڪمن کي ڏنڊ وٺڻ ۾ وڌيڪ فائدو هو. گهڻو ڪري قرآن موجب يا اسلامي رواج موجب سزائون سڀ بدلائي ڏنڊ وڌا ويندا هئا. زناهه ڪري به قتل ڪا هٿائي، ڪاردار ڏنڊ اُڳاڙيندو هو. چوري، مارا ماري، خون جو به اهڙيءَ نموني نبيرو ڪيو ويندو هو. پر حاڪم جي گهر گهڻو ڪين پهچندو هو، جو جو ڪجهه رقم ته ڪاردار ۽ ٻيا عملدار وچ ۾ کائي ويندا هئا.

هن ٿورڙي احوال مان ظاهر ٿيندو ته ڪيتري ڪنڌڙن ۽ واپارين تي هلڪيون پئلون ڪونه هيون. اسانجي راڄ ۾ سنڌ جي پئلن جو سرشتو هندوستان جي نموني قائم ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه گهڻي عام خلق کي پسند نه آهي، ۽ هو پل ڪري پنهنجي وڌندڙ مفلسيءَ جو سبب اسانجي پئل جو سرشتو سمجهن ٿا.

## (٦) سنڌي ٻولي

سنڌي ٻوليءَ جي لغت خاصي آهي ۽ قسمين قسمين لفظن سان ڀرپور آهي. سا ڳيءَ شيءِ لاءِ ڪئين لفظ ليندا، جنهان کي اڄايا نه آهن. هن ملڪ ۾ ڪا شيءِ مشڪل ملندي جنهن لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪو نالو نه هوندو. سو آءٌ هتي جي ڪجهڻ ڦڪيءَ سنڌي- فارسي

مان سمجهبو تہ هن جو سنڌ ۾ گهڻو قدر آهي. پر اثر مضمون تي منحصر آهي.

مٿيان چار نمونا عربي فارسي زبانن تان ورتل آهن ۽ مسلم ملڪن ۾ عام آهن. هيٺيان چار خاص سنڌي آهن:-

(١) فتح نامو- سوڀ جي تعريف ۾ لانگها ناهيندا آهن. مضمون ۽ طرز موجب عربي شعرن جهڙائي زوردار آهن.

(٢) ڪافي يا وائي- اڪثري عشق تي ۽ انن ڏهن مصراعن جي. جنڪي بوليءَ ۾ انهنکي تپو يا خيال چوندا آهن. گهڻو ڪري ڳائبي آهي ۽ ماڻهن کي ڏاڍي وڻندي آهي.

(٣) بيت – اهي بہ تنبوري تي ڳائبا آهن. ڏوهيڙو ٻئي سر جو ٿئي تو ۽ دهل سان ڳائبو آهي.

(٤) سنيهڙو- عاشق جو معشوق ڏي. اهي علحدي نموني جا آهن ۽ تڙ سان ڳائبا آهن. جهنگلي قومن کي جو مزو تڙ مان اچي سو ٻئي ڪنهن ساز مان نہ ايندو آهي.

تصنيفن ڪانسواءِ ڪئين ڳجهارتون ۽ پروليون آهن، جي عربي ۽ ايراني معما وانگر آهن. انهن ۾ ٿوري گهڻي مڙيوئي ڪا خوبي آهي ۽ نهايت لطيف ۽ لذيذ ٿين ٿا. جيئن ٻين اڻ سڌريل قومن ۾ ٿين تيئن سنڌ ۾ بہ گهڻو شعر ٽڙيل پکڙيل آهي؛ جو اڃا گڏ نہ ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ ڪڏهن بہ همت نہ ڪيو ويندو. پر ڳچ شعر سنڌي عالمن جي ڏيان جوڳو آهي، ۽ ڪجھ

هڪ فقير سؤ جواب ڏيئي سلطان روم جي ڏيءُ سان شادي ڪيئن ڪئي......

ٻارهين تيرهين ورهين جي عمر ۾ فارسيءَ جو اڀياس شروع ڪيو وڃي ٿو:-

(١) لغتون، جيئن ته ڊوايو، ٽوايو، چشم چراغ...... دوائي ۾ ڪئين سنڌي لفظن جا فارسي لفظ ڏنل آهن. ٽوائي ۾ عربي لفظ به ڏنل آهن. چشم چراغ ۾ فارسي فعلن جا ڦيرا ڏنل آهن.

(٢) سولاءِ چيدا شعر، مثلاً سعديءَ جي ڪريما.

(٣) تواريخ، اِنشا، گلستان، بوستان، حافظ، جامي، نظامي، وغيره. پويان ٽي شرحن کان سواءِ پورا نه سمجهي سگهبا آهن ۽ اهي هميشه ميسر نه هوندا آهن. جلال الدين جي مثنوي ۽ خاقانيءَ جا شعر ته اُستاد توڙي شاگرد، ٻنهي جي وٽ کان ٻاهر آهن. فردوسي ورلي پڙهندا آهن.

شاگرد ڪي ورڏيڪ پڙهيو ۽ عالم ٿيڻو هوندو ته ڪنهن مدرسي (ڪاليج) ۾ پندرهين سورهين ورهين جي عمر ۾ ويندو. چون ٿا ته ٽالپرن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڇهه مدرسا هيٺين هنڌن هئا:- (١) سيوهڻ؛ (٢) ترپت (نزديڪ سيوهڻ)؛ ڪوهرا (سيوهڻ جي اُتر ۾)؛ متلوي يا متاري؛ موهر يا ولهاري (نزديڪ عمرڪوٽ)؛ ۽ ڇوٽياري (ٿاري تي).

مدرسو وقف تي هلندو هو. اهو سرشتو اِسلام جي هڪ خوبي آهي، جو مڙهين ۽ خانقاهن جي بدران

پڙهندا هئا؛ تنهنکان سواءِ بـ عيدون ۽ عاشورا موڪل جا ڏينهن هئا. ٻئي ٻئي سال جيڪو لائق سمجهبو هو، تنهنکي ٿورا هفتا گهر وڃڻ جي موڪل ملندي هئي. موڪل بنا غيرحاضريءَ جي يا نافرمانبرداريءَ جي سزا شڪول مان نيڪالي هو. بدچال، خاص ڪري زالن سان صحبت، تنهنجي سزا ڏڙي جا ڦٽڪا هئا. تلواريون ۽ خنجر سان ڪٽڻ يا ڪٽڻ جو حق هون. پر ٻنان ڇوڪرن وانگر هٿيارن جو بد اِستعمال نـ ڪندا هئا.

سنڌ ۾ ايپياس ڪرم هينيون هو، ۽ توهين ڏ سنڌ ۾ ته جيڪي مدرسن ۾ پڙهندا هئا سو ڪرستان اڳي وديا پيٺن (يونيورسٽيز) ۾ پڙهندا هئا؛ فرق اهو ته مادري زبان لاءِ سنڌي، لئٽن بدران فارسي، ۽ يونانيءَ بدران عربي هئي:-

(۱) عرف ۽ نحو؛ (۲) منطق؛ (۳) فقه؛ (۴) تفسير (قرآن شريف جي شرح)؛ (۵) حديث؛ (۶) علم فصاحت (rhetoric).

هي ڪم بہ پڙهندا هئا:-

(۱) قراءت (قرآن شريف اُچارڻ، پڙهڻ ۽ چوڻ).
(۲) مناظره (بحث).
(۳) عروض.
(۴) طب.
(۵) رمل، نجوم، جفر ۽ بيا غيبي فن.

Gul Hayat Institute

وهمن ڪري ۽ ڄراحي ڇريءَ جي استعمال جي منع ڪيل آهي، تنهنڪري اُستاد توڙي شاگرد ٻئي هڪ جهڙا اَڻ ڄاڻ هوندا آهن. سنڌ ڇا، پر ساري مشرق ۾ عام خلق کي يوُروپي ڄراحن جي قابليت ۾ ڏاڍو ايمان آهي. پر دوائن بابت ائين نه آهي. اسين ماڻهن جي طبيعت، بناوت، خوراڪ ۽ رهڻيءَ جو اهڙو مختصر اڀياس ٿا ڪريون، جو ٻين فائدن ٿيندي به طبابت ۾ اسانجو قدر نٿا ڪن. معجوُن ۽ ڪکن بابت اسانجي اڄاڻائيءَ تي ڏاڍي حيرت لڳندي اٿن. مشرق ۾ طبابت تي اهڙو ڪتاب ئي نه ليندو جو گهڻو ڪري سڀ انهن تي ئي لکيل نه هوندو، ۽ جنهن بابت ڊاڪٽر ماڻهو مشرق ۾ اٿندي وهندي نه ٻڌندو.

گهڻو ڪري سفيد پوش جي زال ويم ۾ مرڻ کي مري ويندي پر حڪيم جو منهن نه ڏسندي. ويم فقط دايوُن ڪرائين. انهي اهو جو ڌاري به تڪليف تي نه زال ضرور مئي. تنهن حالت ۾ غريبن کي خيرات ڏيئي، ڪجهه پڙهي زال جي سٿر ۾ هڪ تعويذ ٻڌي ڇڏيندا آهن. جي مئي ته ڪنهن جن ڀوت ماري ۽ اُنکي گارگند ڏيئي دل ٺاريندا.

## (٨) سنڌي تهذيب.

هر ڪنهن ملڪ جي اَدبي چال مان سندس رهڻي ۽ ڪرڻيءَ جي خبر پوي ٿي. مٿساڻي بيهڪ ۽ شائنتي هلت ونبي ته سنڌي عرب سان مقابلو نه ڪري سگهندو.

Gul Hayat Institute

مشڪي. (۴) ترنجي. (۵) مصري - ڏاڍو قيمتي. (۶) گلابي. (۷) ڪنڌسري.

گهڻت درجي جا سنڌي ڀنگ جا ڳوڙها پياڪ آهن ۽ گجراتي آفيمين وانگر ڀنگ بنا ڪين سرين. اميرن جي راڄ ۾ ڀنگ سير آني؛ اسانجي نيڪي ڪري سير پنجين ڇهين آني تو ملي. ڀنگ، وغيره پيئڻ ڪري سنڌين جي بدني دماغي ڪمزوري ٿيندي وڃي ٿي، ۽ منجهن ڪئين مرض پيدا ٿيا آهن.

## (۱۰) گناهه.

ڪنهن به قوم جي سياڻپ جي هيءَ عمدي پرک آهي، يعني سندن ڏوهه ۽ تن لاءِ سزائون. انهيءَ نظر سان ڏسبو ته سنڌي هرويرو بڇڙا ۽ ويل نه آهن. ڳرا گناهه ورلي ٿا ٿين، ۽ انهيءَ ڪري سزائون به سخت نه آهن. خونيءَ کان سڀ پڇن ٿا ۽ 'خوني' لفظ نفرت جو لفظ آهي. خون جي سزا موت يا ڏنڊ. ڪن حالتن ۾ اِسلامي قاعدن موجب موت جي سزا هيٺينءَ ريت ڏني ويندي هئي. قاضيءَ جا خادم خونيءَ کي گرفتار ڪري، ٻانهون ٻڌي، سندس ٻانهن خون ڪيل شخص جي عزيزن کي سؤنپيندا هئا. اهي ڪاتي يا تلوار سان اُتي جو اُتي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندا هئس. پر جي موت بندوق، لٺ، پٿر، زهر يا ڪوهه ۾ اُڇلائڻ سان ٿيو هوندو ته خون جي بدلي هڪ مقرر ڪيل رقم (دِيت) ڏني هئي. بدلي جو رواج، يعني خوني پنهنجي بدران

البت سڀ هڪجهڙا نہ آهن ۽ ڪي ستيہ وادي بہ ليندا، پر اهڙا ڇڏا ڇوايا.

زناڪار، رنڊيباز، نشئي قاعدي موجب سزاياب نہ هئا، ڇو جو جيئن ٻين دينن ۾ تيئن اِسلام ۾ دين جا مومن پُوري پيروي نٿا ڪن.

## (١١) ٻروچ.

سنہ ١٧٤٠ع ۾ ڪلهوڙن جو راڄ شروع ٿيو، تڏهن سنڌ ۾ سرڪاري نوڪريون پهرين سنڌ جي مسلمانن کي هيون، پر ميان مير محمد ڪلهوڙي زمينن جاگيرن جا اَنجام اِقرار ڏيئي ٻن ٻروچ مريدن، مير الودي ۽ مير مسودي، کي گهرايو. جي جبل جو سيو پٽ ڇڏي سنڌ جي ٻيلي ملڪ ۾ اچي رهيو. پر انهيءَ ۾ وڏي ڀل ڪيائين. هڪ سنڌي تواريخ نويس انهن ٻن جهنگلي ماڻهن جي سنڌ ۾ گهڙڻ جو هي بيان ٿو ڏئي :-

Gul Hayat Institute

ٻروچ اڃا خدآباد کان پنڌرهن ڪن ميل پري هئا تہ حاڪم سنڌ سندن اِستقبال لاءِ سونهري سنجن سان پهريل عمدا گهوڙا ۽ خلعتون سوغاتون موڪليون. سندن مرضي هئي تہ ٻئي مير ڏاڍي شان ڏُومان سان دارالحڪومت ۾ تشريف آڻين. جلوُس جڏهين ساڻن ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو تڏهين ڇا ڏسن تہ هڪ رڍوارن جو دٻلو، ٻارين ٻچين گڏهن تي چڙهيل، پنيان رڍن جي ڌڻ سان پيو اچي. وزيرن وڏي پڇا ڪئي تہ ڙي مير اَلودي جي

پيڻ کي آخرين نامو ڏنو ته "وري شادي ڪر، يا دائمي روزو وار". جي "روزو وار يندس." جي زاهد جي درجي جون طالبو آهن سي ته عمر ڪنواريون ٿيون رهن پر اهڙيون ڪي ٿورڙيون.

## (۱۲) شيدي غلام.

سنڌ ۾ شيدي غلام ٻن قسمن جا هئا: هڪڙا گهر جاوا، ٻيا مسقط يا عربستان جي اوير ڪان آيل. گهر جاوا گهر جا ڀاتي ڪري ليکبا هئا. جيئن هندوستان ۾ تيئن زمين سان بدل ۽ زمين سان وڪيل يا ورثي ۾ آيل غلام سنڌ ۾ ڪونهن. تنهنڪري ڄاڻهن آزاد ٿيا تڏهن جڻ اها نعمت سنڌن لاءِ زحمت هئي. اميرن جي ايامڪاري ۾ ساليانا ڇهه ست سؤ زنگباري، ممباسي ۽ حبشي آفريڪا مان ايندا هئا. تورن سالن کان اهو واپار ذري گهٽ بند ٿي ويو آهي. غلام جو ملهه چاليهن کان ڏيڍ سؤ رپين تائين هوندو هو. ڇوڪرين جو ملهه ڇوڪرن کان سرس ۽ انهنجو تعداد ٻه وڌيڪ ايندو هو. حبشي ڇوڪريون ڪڏهن ته ڇهه سؤ ۽ ست سؤ رپئي ۾ وڪامنديون هيون. سنڌن ڇوڻ موجب بالڪل ٿي ۾ آن، ڪپڙو ۽ پيون ضروري شيون ڏيئي واپاري کين خريد ڪندا هئا. پڇاڻي کين وڪڻڻ عام رواج هو ۽ ڪيترين کي هڪ "سواهلي" قوم قيد ڪري سمنڊ جي ڪناري تي واپارين کي وڪڻندي هئي. غلام گهڻو ڪري ڪتمندي ضلع جا هئا.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ اڪثري سنّس، مزور، واڍا، لوهار ۽ ٻيا غلامن کي پنهنجن ڏنڊن ۾ سيڪڙات ڪري رکندا هئا. ڪاڏو ڪپڙو ملندو هون، پر ڏٺيءَ سان گڏ ڪو ورلي ويهي کائيندا هئا؛ ڪن حالتن ۾ چڱي مرتبي کي وڃي رسيا ۽ اميرن جا خاص خادم ٿي زبردستن تي خوب حڪم هلائيندا هئا. امير شير محمد جو پيارو خادم شيدي هوش محمد منجهائن هڪڙو هو. هڪ مشهور تواريخ نويس ڪيئن هن شخص ۽ مارشل هاش (Hoche) جي وچ ۾ مائٽيءَ جو ناتو ڳنڍيو آهي. شيدي اڪثري شيدياڻين سان پرڻبا هئا. وڏن ڪٽنبن ۾ ٻين ڏٺين جي ملڪيت سان واسطو رکڻ جي ڪين منع ڪئي ويندي هئي. سنڌن اولاد به غلام ئي هو. ڪيترا سنڌي مسلمان شيدياڻين سان شادي ڪندا هئا ۽ انهنجو اولاد سنڌين کي پسند ايندو آهي، جيتوڻيڪ يورپين جي نظر ۾ منجهس ڪا سونهن ڪانه هئي. انهيءَ اولاد کي سنڌي ”گدو“ ۽ گدي جي سنڌيءَ مان اولاد کي ”ڪمبراني“ چوندا آهن.

سنڌ ۾ شيدي بلڪل جاهل ۽ اڻ پڙهيل آهن. سياءَ ۾ خوش مزاج ۽ ترشروُ، من موجي ۽ تپڻا. سنڌين موجب شيديءَ جو وير اُت جو وير ڪڙي چون ۽ ڪڏهن نه اهڙا خارباز ٿا ٿين جو ڏاڍن موچڙن سان مس باز ايندا آهن. ويڙهوُ گهڻا ٻه اهڙا جو اُهو جمع سپاڳو جڏهن هڪ ڏنڊي جا شيدي ٻئي ڏنڊي جي شيدين

تي تلوار نہ وهائين. سنڌن طاقت ۽ بردباري ڏسي عام صلح پسند ماڻهو ڪانئن ڏاڍو ڪؤ ڪائيندا هئا. بهادر ۽ بي رحم ۽ اهڙائي بي باڪ، دغاباز ۽ لچ آهن. مطلب تہ فقط موت جي ڊپ ڪري ڦرلٽ ۽ خونريزيءَ کان پاڻ روڪي سگهندا آهن.

وچ ايشيا ۾ جتي ڪتنبن ۾ پاڻي تي ٿا رهن ۽ ماڻهو سنڌن سياو مان چڱيءَ طرح واقف آهن اُتي بہ ساڳي ڳالهہ ٿا ڪن. چونتا تہ شيدي وقتي ڏاڍا شڪرگذار ۽ محبتي آهن. مؤج ۾ ايندا تہ ڏاڍا پيا وڻندا. بلڪل عياش ۽ عرص ڪندڙ، پر نور دل بہ اهڙا جو ورلي آپگهات ڪندا. ڪاڏي پيتي، ڳائي ۽ ناچ جو ڏاڍو شوق اٿن ...... سنڌ ۾ ڪيترن شيدين کان پنهنجي مادري بولي وسري ويئي آهي. ڪيترا تہ گهر ڄاوا آهن ۽ مائٽن کان بہ چار لفظ جهٽي ورتا اٿن، پر جيڪي بالڪپڻ ۾ آيا تنڪان مادري زبان وڏي پهوندي تائين وسريو وڃي. تکي ڪي سنڌن بوليون لکيل ٿيون تين جو غلطي درستيءَ جي پوري خبر بوي. پر اڪثري سنڌي حبشي ملائي ڪڏوچڙ ڳالهائيندا آهن، جا سمجهڻ ۾ نہ ايندي آهي. پر سنڌن ڪيترا لفظ (مثلاً ڪتنب) سنڌ ۾ چالو ٿي ويا آهن.

## (١٣) عامل.

سنڌ جا لهاڻا عامل سنڌي هندن جو هڪ خاص فرقو آهن. سنڌن ريتن رواجن، سوٽن پرهمن مان سنڌ

وچي ڪوسي ڪندا هئا. پر انهيءَ ۾ جوکو گهڻو، ڇو ته سڀ وينجهر عملدارن جي اکين ۾ هوندا هئا ۽ انهيءَ ڏوهه لاءِ سزا به سخت هوندي هئي. جهڙا ڪوڙا دستاويز ناهڻ ۾ تهڙائي ٻين ڪمن ۾ عامل چالاڪ هئا. رواجي ڪيس ۾ دستاويز لکي، ڪاغذ جي سان ڇتي، پٽ تي رکي مٿانئس ميرو ڪتو وڇائي، مهر هڻندا هئا، تانجو مس جو چلڪو جهڪو ۽ جهونو ٿي پوندو هو.

ڏيل ۾ رواجي سنڌين کان عامل وڌيڪ سگهارا ۽ ٻت ۾ ناهوڪا لڳن ٿا. ڪن جا ٻت ته پهلوانن جهڙا آهن ۽ سنڌن روش اڪثري سوڌا ۽ وڻندڙ آهن. مسلمانن جي زور زبر ڪري مومنن جو لباس ڪٺي اختيار ڪيائون. سنڌي ڊگهي ٽوپي ۽ جهولدار سٿڻون پاتائون، ڊگهيون سوُنهاريون رکيائون ۽ مٿي جي فقط چوٽي ڪوڙائيندا هئا، پر سُنت موافق مڇون ڪين ونائيندا هئا. بيو ته ٺرڙ تي تلڪ ڏيڻ ۽ مسلمانن جي اُبتڙ پهراڻن کي ڏائي پاسي بيڙي ٿا هڻن. اُچن ڪپڙن جا ڏاڍا شوقين ۽ حقيقت ۾ عام طور ڏيک ويک جا ڪوڏيا ۽ همٿ ڦاٽ آهن. انهيءَ ۾ هندستان جي هندن کان نرالا آهن. سنڌن ڌرمي مڃتا ٻين لهاڻن جهڙي آهي، ۽ ڪاڌو پيتو به ساڳيو اٿن. پر وڌيڪ تعليم ڪري ۽ ٻئي مذهب جي ماڻهن سان لڙهه وڇڙ هڻڻ ڪري منجهان ڪيترا دهري (materialists) ٿي پيا آهن.

تڏهين منوڙي جي ڪاري (bar) ڪان هئي ۽ بابا بيٽ ڪان مٿيرو "نئو ناڙ" نالي ڪاري آمدرفت لاءِ ڪم ايندي هئي. منوڙي جو منهن هڪ ٽڪر جي بني سان بنديل هو. اٽڪل ١٧٢٩ع ۾ کرڪ بندر جا گهر لڏي ڪراچيءَ ۾ وڃي وينا. ڀوڄومل جي چوڻ تي هڪ آسود يمل بيبي مردان سان ملي ڪراچيءَ جي بچاو لاءِ صلاح ڪئي. اها ڳالهه سيني کي پسند آئي. چارون طرف تمر جا وڻ ڪپي ماڻهو ڪاٺ ۽ مٽيءَ جو عالم پناهه اَڏڻ لڳا. مدد لاءِ ٻاهرين مزورن کي به ڪم ۾ لڳايو ويو. سيني مزورن کي سڪل ۽ تازي مسقط جي ڪتل مزوريءَ ۾ ڏني ويندي هئي. جلد هڪ خاصو ڪوٽ اڏجي ويو ۽ مٿس مسقطي توفون رکيون ويون. ڪوٽ جي ديوار اندر اٽڪل سٺ ستر جريب زمين جا هئا. ڪوٽ کي ٻه دروازا هئا. هڪ اُلهندي طرف (سمنڊ) ڏي "کارو در" سڏيو ويو ۽ ٻيو اُتر اُير ندي (لياڙي ندي) ڏي "منو در" سڏيو ويو. سڀ ماڻهو ڪوٽ اندر رهندا هئا ۽ ڪوٽ جي ٻاهران چارون طرف تمر ۽ ٻُوهر جو جهنگ هو.

شاهبندر وٽ به سنڌو درياهه جو منهن لٽجڻ لڳو. ڪيترا گهر لڏي ڪراچيءَ اچي وينا. انهي وقت ڪلهوڙن کنهن به تڪليف بنا مانن ڪري ڪراچي پنهنجي هٿ آندي."

Gul Hayat Institute

ملي، ۽ سيٺ جي در تي ڏينهن ڏني يا رات جو بتيءَ جي روشنيءَ تي خيراتي ان ونڻ ۾ حجاب تي ٿيو تڏهين حڪم ڪيائون ته رات جو ڪوٺيءَ تي بتيون نه ٻاريون وڃن، ۽ ڪوبه مرد يا زال هٿ ڊگهيڙي ته اُنکي پڇڻ بنا هڪ سير اَن ڏنو وڃي.

تنهن ڪانپوءِ ڪئين شاهوڪار گهر پٽسي تي اَن نه ملڻ ڪري سيٺين جي خيرات ونڻ لڳا. وري جڏهن خبر پيئن ته ڪيترن گهرن ۾ فقط ودوائون يا جڏا ياتي آهن جي ٻاهر نڪرڻ جهڙا نه آهن، تڏهين حڪم ڪياءِ ته اهڙي هرهڪ گهر ۾ مهني جي خوراڪ اُڳوات پهچائي وڃي.

اتر سنڌ ۾ ڪئين ڪڇ ۽ هالار جي ماڻهن ٻار وڪڻي اَن ورتو. اسان جي گماشتن به اَٺ ڏهه ٻار خريد ڪري ڪراچيءَ موڪليا. اتي سنڌ ۾ پوري سنيال ورتي ويئي ۽ جڏهين ڪمائي ڪاڻڻ جيڏا ٿيا تڏهين آزاد ڪيا ويا. اهو ڏڪر ست اَٺ مهنا بلڪل سخت هليو، تنهن ڪانپوءِ ايشور مهر ڪئي ۽ وري سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي پيو.“

## (١٦) مذهبي تعصب.

”مير مراد عليءَ جو اُداس ۽ ملوُل سڀاءَ هو، تنهنڪري سندس من جو لاڙو مذهبي ڳالهين ڏي گهڻو هوندو هو، ۽ پين بد خصلتن سان گڏ منجهس تعصب

ٽين ٽيون سي اهڙيون ظاهر ظهور آهن جو ڪهڙو به ڏاريو سنڌ ۾ هڪ هفتو گذاريندو ته اکئين ڏسي سگهندو. جڏهين پنج (ڪڇ) کان سنڌ تي آيس ته هڪ هندو وڪيل ساڻ هوم. وات تي منهنجن مهماندارن ۽ سندن خذمتگارن مٿس ننول بازي ڪرڻ سان گهٽ ئي ڪانه ڪئي. حيدرآباد جي قلعي مٿان انگريزي جهنڊو جهلندو ڏسڻ لاءِ جيڪي دعا پني رهيا آهن تن سڀڪان سچا سوالي آبرُودار هندوُ آهن، جي ازخود دل جو درد اورڻ بنا پاڻ پلي نٿا سگهن، ۽ جي ظلمن ۽ عقوبتن جو لنبو داستان هر گهڙيءَ ڪيئي ٿا وهن.

سنڌ جي آدمشماريءَ جو ڪو به تخمينو ڪيئي نٿو سگهجي. پر جي ڪئپٽن هئملٽن جي خبر تي آڌار ڪٽي رکجي ته ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ هندن جو تعداد مسلمانن کان ڏهوڻو هو. پائنجيٿو ته تنهنکانپوءِ طهر جي ڦُريءَ هائيدوس مچايو آهي، پر جو جوهن وقت بڻي هڪ جيترا يا شايد ٿورا سرسيرا ٿيندا.

## (١٧) صدر بزار ۾ دوڪان.

سنه ١٨٤١ ۾ آءٌ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ برابر ايندو ويندو هوس. هڪڙي ڏينهن ڪئپٽن پريڊي، جو ڪراچيءَ جو بزار ماستر ۽ ڪاميسريٽ کاتي جو آفسرُ هو، سو مونکي فوج جي سپهسالار وٽ وٺي ويو ۽ سندس اڳيان ڇپائيم ته "صدر بزار سڌارڻ لاءِ اسان ڏاڍي

## (١٨) عربي سنڌي اکر.

مسٽر ايلس، هڪ نهايت قابل ۽ تيز فهم شخص ڪمشنر جو ريونيو اسسٽنٽ هو. عربي سنڌي اکر پهريائين وايرائڻ لاءِ سنڌ سندس شڪر گذار آهي. تنهن کان اڳ سنڌي هندن، يعني فقط واپاري لوڪن کي پنهنجا اکر هئا، پر اُهي اهڙا ڪچا، الحدا الحدا ۽ خاص ڪم لاءِ هئا جو عام ماڻهن جي ڪم لاءِ هڪ ئي لپي ڪڍڻ جي ضرورت سمجهي ويئي. مسٽر ايلس جي خوبي اِها هئي جو هن هاڻوڪا عربي سنڌي اکر ڳوليا ۽ گهڙيا، جي اڄ سڄيءَ سنڌ ۾ چالو آهن. مسٽر ايلس سنڌ ڇڏڻ کانپوءِ به سنڌ ۾ تعليمي واڌاري لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. جنهن پرڳڻي جي عالت هن سر بارٽل فريئر (ڪمشنر) سان گڏ جي سڌاري، تنهن پرڳڻي کي مدد ڏيڻ لاءِ هوُ هميشه سعيڪار رهيو، ۽ ويندي ١٨٦٩ تائين، جڏهين سنڌي اسڪولن ۾ هندو سنڌي (يعني واڻڪي سنڌي) اکر وجهڻ جو سوال اُٿيو، ۽ اُنهيءَ سڌارڻ ۽ بدلائڻ جي ضرورت ڏيکاري ويئي، تڏهين پڻ هن اِنهي سوال ۾ خوب بهرو ورتو.

## ڪمشنر مسٽر ايوَن جيمس جو نوٽ.

اها نهايت حيرت جي ڳالهه آهي ته سنڌي بولي جينوٽيڪ هڪ جدا ۽ ڌار بولي آهي جا سنسڪرت مان نڪتل بولي آهي، ۽ جا ڪڇ ۽ مارواڙ ۾ چالو بولين

سنڌيءَ لاءِ ڇاپو ڪهرائي ڪي اسڪولي ڪتاب ڇپيا ويا ۽ ٿورا اسڪول پڻ کوليا ويا، جنهن فقط واڻڪي سنڌي سيکاري ٿي ھئي. پر تنھنجو نتيجو خاطر خواھ نہ نڪتو. ھن وقت عام طور عربي- سنڌي سيکاري ويندي آھي ۽ چالو آھي. ھندو سنڌي جڻ آھيئي ڪانہ. ٿورڙا شهر مثلاً شڪارپور وغيره آھن، جنھن ھندو آدم جھجھو آھي، اُتي پڪا ھندو اڃا سنڌي- ھندو اسڪول ھلائين پيا، ۽ ننڍا مسلمان آبادگار ڳوٺ جي شاھوڪار وٽ پنھنجو حساب ڪتاب پڙھي سگھن، تنھنلاءِ سنڌي ھندو لپي ۽ انگ سکڻ سيني لوڪل بورڊ اسڪولن ۾ فرضي آھي. پر ١٩١٠ کان وٺي انھيءَ لپيءَ ۾ ڪي بہ ڪتاب ڪونہ ڇپيا ويا آھن ۽ حساب ڪتاب ڪانسواءِ ڇڄي تہ عام طور عربي سنڌي ئي چالو آھي.

Gul Hayat Institute

## (١٩) ميراڻي دربار.

جڏھين ڪوٽڙيءَ کان روھڙيءَ پھتس تڏھين حيدرخان لغاري ۽ بھادرخان بہ وڏا سردار اُتي ڳڏيم. ٻنھي کي اميرن منھنجي استقبال لاءِ موڪليو ھو ۽ ٻئي وڏا عملدار ھئا. حيدرخان وڏي وزير جو پاڻتيو ۽ جاتي ضلع جو مکيہ عملدار ھو. گھڻن ادبن سلامن سان ڳڏيم ۽ ٻنھي رسم رسمابت سان پاڪر پاتم. حال احوال وٺڻ بعد اميرن وٽان خوش آمديد جا پيغام پھچايائون،

ملايو ۽ جي ڀاڻو پڌرو ٿي ٿيو ته چون ته "برابر توکي ڏسڻ لاءِ آيا آهيون. من تـوکي ڏسي اسانجي قسمت زور ٿئي!"

حيدرآباد کان ٿيهارو مٿل پري هوس ته محمد خان نوڙهو تورا، اميرن جـو هڪ عزيز، استقبال لاءِ وڏي آيـو. ساڻس هڪ ٻيو عملدار مـوسـا کهتان ۽ ڪيترا خدمتگار به هئا. انهنمان معلوم ٿيم ته منهنجي استقبال لاءِ دربار ۾ خاص تياريون ٿي رهيون آهن. چي "ٻيا يوروپي به پنهنجي ڪم سنڌ ۾ آيا آهن، پر توهانکي ته خاص دعوت ڏنل آهي ۽ توهانسان ملاقات بہ خـاص طرح سان ٿي ٿيندي."

حيدرآباد جي ويجهو نواب ولي محمد خان لغاري، سنڌ جو وڏو وزير، پاڻ مونکي مبارڪبادي ڏيڻ لاءِ قدم رنج فرمائي آيو. وڏي اٿاليءَ دٻدٻي سان آيو ۽ دربـار جـا گهڻو ڪـري سڀ مکيه ماڻهو ساڻس هئا. انن جڻن جي کلهن تي هڪ مافي ۾ ويڙهل هو، جنان مونکي ڏسي اُمالڪ لهي حب سان ياڪر پائي اچـي مليو. مافي مٿان ڪرمچي رنگ جـي مخمل، چارون طرف جهالرون ۽ سونهري سينگار هئا. وزيـر صاحب وڏيءَ عمر جو صاحب لياقت وفضيلت، درباري ڏول ڍول رحم دل ۽ روب وارو آهي. ڪرسيءَ تي مونکي پنهنجي سامهون ڪٺي ويهاريائين، ۽ انهيءَ ريت ڪجهه مفاصلو پنڌ ڪندا هلياسين.

Gul Hayat Institute

جهلڪ ۽ ٻٽي پاسي گنڏگي ڪاڻ هئي؛ پر اُتلو سادو سهائيندڙ ڏيکڻ ۽ نماءَ، جهڙو اڳم ڪڏهين نه ڏٺو هوم. خدمتگارن کي گهڻو ڪري ساڳيو لباس پهريل هو. سيني کي اُڇي عمدي ململ جا پهراڻ، زيبائتا ۽ ڇٽڇٽدار زربفت جا ڪمر بند، ريشمي ترڪي ٻيريون شلوارون ۽ ڪيمخاب يا مخمل جون ڊگهيون ٽوپيون پيل هيون. قيمتي، سفيد ڪشميري شالن جو ٻانهن تي اُڇليل جوڙو، ڪمر بند ۾ ايراني جوهرن سان جڙيل ڪٽاري، ٻنهي اميرن جو خاص زيب زينت هو.

ٽالپري خاندان کي اَئين ڏسي سنڌ جي تهذيب ۽ تواضع تي آءٌ عاشق ٿي پيس، ۽ قبول ڪيم ته ٻيو نه ته ظاهريءَ طور اِنهي مان مرتبي جا لائق آهن. ننڍن شهزادن جي چال چلن ۾ شان ۽ خاندان ظاهر هو، جو ورلي يوروپي يا هندوستاني اميرزادن ۾ نظر ايندو آهي. بلڪ شڪل شبيه ۾ مڪيه اميرسارئي مجموعي ۾ گهٽ قابل تعظيم ٿي لڳا؛ شايد انهيڪري جو اهڙي پرورش نه تي هين ۽ ننڍي هوندي سختيون سنيون هئائون. حقيقتاً عمر ۾ وڏيرا آهن، مگر مٿي ڏاڙهيءَ کي ڪيس لائڻ ڪري پنجاه سالن جا مس ٿا لڳن. هڪڙي ڳالهه سواءِ، اميرن ۽ سنڌ جي اولاد جي وچ ڪا ٿوري مشابهت آهي، ۽ شهزادن جون سهڻيون صورتون، ڪارا وار، ڊگهيون پنبڻيون، ۽ پنؤر جهڙيون پيرون مائرن جو

ورتو آهن. سينِي ۾ مير نصير خان مونکي نهايت خوبصورت گيرو جوان لڳو.

دربار جي رونق ۽ اميرن جي سونهن ۾ بنهي موهي ڇڏيم. لباس ۽ چال چلڻ مان سمجهيم ته سڀ حاضر عملدار اعليٰ درجي جا آهن. اڳيان جڳهه ونڻ لاءِ هڪ ٻئي تي ڳاهٽ نٿي ٿيا ۽ عام خلق ته بنه ڪوٽ جي ٻاهر هئي. چارون طرف خاموشي ۽ سنجيدگي ۽ هر هڪ شخص جي روش ۽ شايستگي ۽ درباري نظاري جي جهلڪ ڏسي آءٌ حيرت ۽ اَدب سان ويهي نهارڻ لڳس.

## (٢٠) مذهبي تعصب.

سنبت ١٨٨٨ (١٧٣١-١٨٣٢ع) ۾ ڪنهن واڇهي ماستر ڪنڊي ناني هڪ هندو مزور جي پٽ سان ڪا سختي ڪئي. ڇوڪر رسي گهر ڇڏي وڃي مسجد جي دروت بيٺو، جتي هاڻ ڏوبين جو پاڙو آهي. ڪي مسلمان ڇوڪر کي ڏسي، کيس ريهي ريبي مسجد اَندر وٺي ويا ۽ اتي ڪٽي وهاريائونس. تنهنتي هندن ۾ تاءُ پيدا ٿيو؛ هٽ تاڙ ڪيائون ۽ مسلمانن سان سؤدا ڪٽي بند ڪيائون. ليارڙي نديءَ جي بيٽ ۾ ڪي ڪوه هئا، جنان هندو بيٺڻ جو پاڻي ڀريندا هئا. وير پاڙڻ لاءِ مسلمانن وڃي اُهي کوهَ پليت ڪيا. ٻئي ڏينهن وري نورلشاه ناني هڪ سيد بزار مان ٿي اسانجي محلي وٽان ڪڄ مٽيندو لنگهيو. منهنجو نندو ڀاءُ پرسرام اوڏيءَ

هوتچند کي مسلمانن جي هٿان بچائي هڪدم پاڻسان
گڏ حيدرآباد وٺي آچ.

حڪم موجب غلام حيدر اُمالڪ باگاڻيءَ ويو ۽ سيٺ
کي ڇڏائي وري حيدرآباد وٺي آيو، جتي هُو ڏهن ٻارهن
ڏينهن کان پوءِ موٽيو. اِهو سڀ وقت پنهنجي ڌرمَ تي
پڪو رهڻ لاءِ خوب ٻـڪون ۽ مسلمانن جون ڪئين
عقوبتون سَٺيون هئائين، جن سندن ڪاڏو ساڻن گڏ جي
کائڻ لاءِ ڏاڍو زور رکيو هوس. حيدرآباد ۾ موٽڻ کان
پوءِ ئي هڪ هندو راڌائو رکي هن پوڄن ورتو.

جڏهين مير مراد عليءَ سيٺ جي حيدرآباد ۾ پهچڻ
جو ٻڌو، تڏهن هڪدم گهرائي پڇائينس ته ”هاڻي ڇاڻا
ڪرڻ چاهيو؟“ جواب ڏنائين ته ”هاڻي وري دنيا ۾
گهڙڻ جي خواهش ڪانه اٿم، ۽ باقي ڏينهن صوفي فقير
ٿي گذارڻ چاهيان ٿو.“ تنهن تي مير ارمان ظاهر ڪيو،
۽ چيائينس ته جيڪي وڻيو سو ڪريو. پوءِ هڪ سجاول
نالي مير جي خاصخيليءَ جي خالي اوطاق مسواڙ تي
وٺي اتي وڃي رهيو. حيدرآباد ۾ اسانجا سوين عزيز
خويش هئا. اهي سارو ڏينهن سيٺ جي جڳهه جي
آس پاس ڦريا ۽ انهن مير غلام علي پيروز (غلام علي
ٽنڊي جي هاڻوڪي مير خانمحمد جي پيءُ) سان سندس
پيچڻ لا خانگي بندوبست وڃي ڪيا. مير غلام علي
سيٺ هوتچند جي پاسي هو، ۽ سندس وڏن جي

Gul Hayat Institute

ڪراچيءَ کان اسان گلا ٻراءِ، گدو مل ۽ ٻين ڪي سيٺ سان ملڻ لاءِ موڪليو. منهنجو پاڻ پرسرام ٻه جيسلمير جي راڄا کان اُٺ ۽ ماڻهو وٺي ٿورن ڏينهن کان پوءِ لکپت ويو. سيٺ هوتچند لکپت کان ناراڻسر جي تيرٿ تي ويو، ۽ اتي جي براهمڻن ۽ هندن کي ڪارائڻ جي پنيان ڪيترو ڌن خرچ ڪيائين. ناراڻسر کان وري لکپت موٽيو ۽ لکپت جي ڪوٺيءَ جو ڪم سنڀالڻ لاءِ ڏهه سال رهيو. سنڌ س ڇڏيءَ پنيان اسانکي هڪ لک روپين کان وڌيڪ خرچڻو پيو.

## (۲۱) آميرن جا خيال

گفتگوءَ ۾ اميرن جيڪي خيال رايا ظاهر ڪيا سي سڀ هت درج ڪرڻ ڏکيا ٿيندا. پر يادگيريءَ مان ڪن جو مختصر بيان ڏيان ٿو.

اُسانجي سلطنت مان آمدنيءَ بابت ڏاڍي پڇ پڇ ڪندا هئا، ڇي هندوستان جي نيڪي لاءِ توهان جا ’اِجاريدار‘ (ايسٽ انڊيا ڪمپني) انگريز بادشاهه کي ساليانو گهڻو رسائيندا آهن؟ منهنجو جواب دل ۾ اصل آئڙين ئي نٿي. جڏهين ٻڌايو مان ته بادشاهه يا ڪمپني کي ڪابه ٻچت ڪانه آهي، بلڪ ڪن پرڳڻن ۾ خرچ آمدنيءَ کان وڌيڪ آهي تڏهين ڪرم علي تعبرس کائي پڇيم ته ”سو وري ڪئن؟ توهين ته پنڃن وڏن راڄن جا والي آهيو.“ چيم ته برابر پر اسانجي حڪومت جو

جي انگريز سرڪار کي جو راڄ ڦيرائي اسانکي ڏيندي ته جيتري خراج هاڻ کي جو راڻ ڀري ٿو اوتري خراج وقت سر ڀرڻ لاءِ اسين توهانکي ڀلي ۾ ڀلن شاهوڪارن جي ضمانت لکي ڏينداسين. پڇيم ته جي ائين ڪري ڇڏي ته ٻه ٽنهنمان توهين ڇا وٺيندا؟ چي ملڪ جي آمدنيءَ کي راڻ جا وزير هميشه ڀيڏي وينا هڻن. جڏهين سمجهايو مان ته کي ڏٽريل ملڪ آهي، تہ مراد عليءَ وراڻيم ته کي ڏهڻ جي رمز اسانکي ياد نه آهي......

رنجيت سنگهه کي 'سِکهه' ڪري سڏيندا هئا، ۽ انهيءَ 'سکه' بابت نهايت گهٽ وٽ ڳالهائيندا هئا. هڪڙي ڀيري غصي ۾ اچي أمير چيم ته وس پڇيم ته ڪنهن ٻه مومن کي هنجي ويجهو وڃڻ ٻه جيڪر کين ڏيان...... انگريز بادشاهه ۽ انگلنڊ بابت ڪل جهڙيون ڳالهيون بڌائيندا هئم. جي ساري دنيا ۾ بهادر سپاهي هڪڙا انگريز ٻيا ٻروچ. نيپولين جي زواليت جي خبر هين مگر سندس موت بابت اڃا ڪونه بڌو هئائون. ٽڪن ڏيارڻ جي خبر هين، ۽ جڏهين فائدا ڏيکاريم تڏهين سنڌ ۾ ٻه ٽڪن لاءِ بندوبست ڪرڻ جو خيال ڏيکاريائون. ڳالهيون ڪندي هڪ ڀيري آگ گاڏيءَ جي عجيب ڪاميابيءَ جو ذڪر ڪيم؛ پر انهيءَ ڳالهه ۽ انگلنڊ جي آمدنيءَ بابت ائين وسهي وينا ته اهي سڀ آسر پوٽاٽيون ڪهاڻيون آهن.

ياد اٿم ته هڪ ڳالهه تي منهن ۾ گهنڊ ڪڍي ڀاتائون.
وزير سان ڪابل ۾ حالتن جو ذڪر ڪندي هندوستان
جي وڏي نقشي ڏي اشارو ڪڍي ڪيم. اها ڳالهه هن
اميرن سان ڪئي؛ اهڙي عجيب شيءِ ڏسڻ تي سنڌن
دل سرڪي. سو آءٌ نقشو ڪڍي دربار ۾ ويس ۽ سمجهائڻ
وينس. جڏهين آڱر ڪڍي هڪ منزل تان ٻيءَ تائين
سنڌ مان سب رستا ويندي لاهور ۽ جيسلمير تائين
ڏيکاريم، ۽ چيم ته هن نقشي سان وات تي پڇا ڪرڻ
بنا ساري سنڌ گهمي سگهان ٿو، تڏهين ڇڻ وائڙا ٿي
ويا! شايد بي عقلي ڪيم، پر سندن ذرڙو ملڪ هڪ
همٿ سان ڀڪي، انگريزن جي شاهي حڪومت جون
حدون ٻئي سان ڏيکاريم. اوڏي مهل ته ڇڻ ڳالهه
وساري ڇڏيائون، ۽ ائين ڄاڻايائون ته اسان کي ٻه انگريزي
راڄ جي اينتري خبر آهي جهڙي توهانکي اسانجي. پر
پوءِ ملاقات جو سڄو وقت نهايت گنڀير ٿي ويئا ۽ ٻڌم
ته منهنجي وڃڻ بعد وري نقشي جي ڳالهه ڪيائون ۽
ٽڙڪا ڪاڏائون ته هي فرنگي سب ڄاڃي جوڇي
وينو آهي.......

هڪ ٻيري دربار ۾ وينو هوس ته ديسي ايجنٽ
بمبئي سرڪار ۾ بدلين بابت سر جان مالڪوم ۽ مسٽر
ايلفنسٽن جا خط پيش ڪيا. خطن جي عبارت ڏيان
ڏيئي ٻڌائون، ۽ هر هڪ القاب ۽ آداب جو لفظ ڄاڃي
ڏنائون. جڏهين مراد عليءَ پڇو ڪي سر جان جنجي خط ۾

هڪ لفظ ڏيکاريو جو ڪيس ٻئي خط کان گهٽ اَدب جو نظر تي آيو تڏهين مشڪل بنا رهي نه سگهيس.

## (۲۲) اميرن جي رهڻي.

مسلمان حاڪم جهڙا ڪامي ۽ عياش اڪثري تين تا تهڙا سنڌ جا حاڪم نه آهن؛ يا نه اهڙا مغرور ۽ عالي خيال آهن جو عيش عشرت ڏي ڇڪ کائين؛ مگر ممڪن آهي ته مزا ماڻي ڏاڍا پيا آهن. هڪ ڀيري مراد علي پڇيم ته دارُون (daroo) وٺڻ ۾ حرڪت ته ڪانهي؟ سمجهايو مانس تي تهن بيماريءَ ۾ ڪا به جوش ڏيارينڌڙ شيءِ، خاص ڪري دارُون ــ ته وڃ تيئي روڪي ڇيائينم تہ "مهرباني ڪري جا شيءِ اسان لاءِ حرام آهي تنهنجو نالو ڪنهن مومن اڳيان نہ وٺندءِ." پوءِ سهي ڪيم تہ امير صاحب فقط 'ڏاڙهون' وٺڻ بابت تي پڇيو! پڙهندڙ پائيندو ته هي رڳو بين اڳيان هام تي هنيائين، پر مونکي خاطري آهي ته اَمير ڪا به نشيدار شيءِ ڪين ورتائيندا آهن. اهڙا به واقع ٿيا آهن جڏهين ڪي شخص شراب جي بوءِ سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا آهن، ۽ هنن ڪين اُنهيءَ دم بي عزتو ڪري پنهنجي اڳيان بيهڻ نه ڏنو. بهادر خان کُکر هڪ بلوچ خانداني سردار، جو مراد عليءَ جي خدمت ۾ هو، سو هڪڙي ڀيري نشي ۾ ڏنو ويو، ۽ ڳچ وقت تائين ڪيس نوڪريءَ کان جواب ڏنو ويو. دوا طور به دارُون ڪڏهين ڪين

جنهن سڀ هن ريت تابعدار ۽ دامنگير آهن اتي آزاد خيال ڪٿان ٿا لڀن؟ "جو حڪم" ۽ بالادستن جي حد چاپلوسيءَ ڪري امير پنهنجو راڄ جهليو ويٺا آهن. ڊارين جي توڙي هڪ ٻئي جي خوشامند ڏسي يوروپيءَ ڪي جيڪر ڪل نڪري وڃي. ۽ مرتبي وارا ٻاڻم گڏبا ته هڪ ٻئي مٿان اجائي ساراهه جو ڏوڙيو ڪٺي وسائيندا، ۽ پوءِ گڏجي ڪٿان جو ڪٿان مبالغو ڪري مونکي ۽ ڪٺي آسمان تي چاڙهيندا. سنڌ ن پُر تڪلُفِ اَدب آداب ۽ نهايت عجب ڪندڙ آهي. "چاق آهيو" "خوش آهيو"، وغيره ساڳيءَ ملاقات ۾ چار پنج دفع ور ور ڏيئي پيا پڇندا. آءُ ڪرسيءَ تان ڪري اُٿان ته سڀ حاضرين ۽ اُٿي بيهن، جيسين ڪي وري ڪرسي نشين ٿيان، ۽ پوءِ وري هڪ ٻئي کي سلام ڪري مون وانگر ڪن. انهيءَ ۾ منهنجي ليکي ڪابل ۽ ايران جي درٻارين جو نقل ڪندڙ آهن.

Gul Hayat Institute

## (٢٣) فوجي طاقت.

سنڌ جي فوجي طاقت بابت جيڏي پل ڪئي هيم، ايڏي ٻئي ڪنهن ڳالهه بابت نه ڪئي هيم. ڪڇ ۾ جيڪو ٿورو وقت رهيو هوس تنهن ۾ هر ڪنهن کي سنڌ مان ڪاهه ۽ حملن جا افواهه ٻڌندي ٻڌي وانگر ٿيانيم ته حيدرآباد ۾ ڪا زبردست فوج هوندي. پر انهيءَ اصلي نه آهي. قلعي اندر ٿوري فوج ڪان سواءِ اميرن جا

شهر ملتان سس ڪڍيو بيٺو آهي سا بہ خراب پڪل سرن جي هڪ خسيس اڏاوت آهي. اِهو يڳو پريو پيو آهي، ۽ صفدار فوج جو حملو هڪ ڪلاڪ بہ جهلي نہ سگهندو. اَمير اُمراءَ جنن ايشائي ڪندا آهن، گهڻو ڪري اوکيءَ ويل ڏڻيءَ کي دوهہ ڏيئي ڇڏي ويندا آهن! البت خاطري اٿم تہ ٽالپر حاڪم پاڻ پنهنجي حڪومت ۽ خزاني بچائڻ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ بهادر وانگر سر ڏيندا. پر جي اسين سنڌ ڏي رخ ڪٽي رکون تہ عام خلق ڏي نظر ڪندي، سنڌ جهڙي سولي فتح بي خيال ۾ اچي نٿي سگهي، خاص ڪري جيڪڏهين سنڌ کي ٻئي ڪنهن بہ پر واري حڪومت کان مدد نہ ملي. جن بي اختيار سببن ڪري هند سلطنت وڏي سي سبب همت بہ ٿيندا، ۽ جي اهڙو واقع بڻيو تہ سنڌ ۾ فيض ۽ هوش واري حڪومت اسان کي چڱيءَ طرح پاڙا ڏيندي.

Gul Hayat Institute

## (٢٤) برهمڻ آباد.

اُلهندي هندوستان ۾ گهڻيئي جهونا شهر ڪوٽي ڪڍيا اٿن، پر شهداد پور وٽ براهمڻ آباد جي جهوني دٻل شهر جيڪا تڪليف کوٽڻ وارن کي ڏني آهي سا ٻئي ڪنهن نہ ڏني آهي؛ نڪي ڪنهن ٻئي پلہ بابت ايڏو بحث مباحثو هليو آهي. گهڻيئي عجيب غريب مال، شيون ۽ قيمتي وٿون منجهس پوريل هيون. تنهن ڪري کي شوق وچان، کي خزاني هٿ ڪرڻ جي

مٿئين طبق جي پٽين جي پيڙهين مان معلوم ٿو ٿئي ته اوساريءَ ۾ جي سرون ڪتب آيل آهن سي ننڍي ڪارب جون، جي اڪثر اسلامي عمارتن ۾ ڏسبيون آهن. ڪٿي ورلي اهي ننڍيون سرون توڙي هندن جي صاحبيءَ واريون وڏ ڪاريون سرون گڏ وچڙ آهن. پر گهڻو هيٺ هيٺ ڪوٽ سان ديوارين ۾ جي سرون آهن سي وڏيون شاهي آهن. ديوارين مٿان ديواريون آهن، جي جتي تتي هڪ ٻئي جي آرپار ٽيون وڃن. دانا خواه سگها جي مٿئين طبق مان هٿ آيا، سي مسلمانڪي پوئين زماني جا آهن. پر ڪا قيمتي شيءِ خطر ڪا ملي. پيو ته نهيو، پر گهرو ٿانءَ ٽپو سو به جس پريو ڪونه لڌو. جنهن مان ظاهر آهي ته نئين شهر وسائڻ کان اڳ وسائيندڙن خزاني توڙي عمارتي مال وارو طبق زيروزبر ڪري ڇڏيو.

هڪ گهٽي وٽي زمين مٿان کوٽيندي ٽن مسجدن جا بنياد ظاهر ٿيا، جي گهڻو هيٺ هيٺ ٻين عمارتن جي مٿان اڏيل آهن. وڏ ڪاريين سرن جي ماپ آهي $16\frac{1}{4} \times 10\frac{1}{2} \times 2\frac{1}{2}$. انو مان ٿو ڪڍجي ته ڪنهن شاهي هندڪي عمارت مان نڪتل آهن. اوساريءَ ۾ گاري بنا ٻيو مصالح ڪم ڪونه ايندو هو، تنهن ڪري اهي سرون هڪڙيءَ عمارت مان ڪڍي ٻيءَ ۾ لڳائڻ آسان هو. هيٺئين طبق مان گٽيش جي مورتي، شو،

سان، بي ديوناگري اکرن سان لکيل آهي. بيلاسس صاحب کي عقيق لڌا جن تي ڍڳي يا شينهن جي سهڻي شڪل اُڪريل هئي، جنهن مان ڄاڻجي ٿو ته اها ڪاريگري پراچين سمي ۾ به هئي، ۽ عربن جي راڄ ڪانپوءِ به قائم رهي. شيشي جون شيون ڇديون ٻاديون ٻر ڀڳل حالت ۾ آهن. ٻر خوش نصيباً هڪ سالم نيلي رنگ جي ڪٽوري هٿ آئي. هڪ وڏيءَ مُورتيءَ جو چؤنڪت مليو، جنهن ۾ ڪيترا سنڌر چڪرا گھڙيل آهن، ۽ چڪري چڪري ۾ ديوتا رکيل آهي. چؤنڪت جي چوٽيءَ تي جتي مُورتيءَ جو مٿو هئڻ کپي اُتي چڪري اندر سورج جي مُورتي آهي؛ هٿن ۾ ڪنول گل ۽ پيرن ۾ ڊگها بُوٽ پاتل اٿس. ٽامي جا سڪا سنها ۽ عربي اکرن جي سهڻين مهرن سُودا خوب ملن ٿا، ٻر ڪٽيل ۽ مشڪل سان صاف ٿين ٿا. اهي خليفي جي دارالضرب ۾ ٺهيل ٿا ڏسجن. ٻيا وري سادا ۽ ٻي هنروارن جا ٺاهيل پيا لڳن.

## (٣٥) سنڌ جا هندو.

ڪنهن به هندوءَ کي ٿندي الهيار جو نالو ٻُڌڻ جي مجال نه ٿيندي هئي؛ ڇو جو نالي جي شروعات ۾ پاڪ لفظ هئا؛ ڪو به هندو عربيءَ ۾ لکيل ڪاغذ نه ڇهندو هو، ڇو جو عربي حرفن ۾ قرآن شريف لکيل هو، سنڌيءَ ۾ مسلمان جو لکيل ڪتاب ڪولي پڙهڻ جي ڪنهن کي

منشي، منتري ويڙهي وڪوڙي ويا هئا؛ سپ ساڳين خيالن جا، سپ ڪين ڌهڻ پيڙڻ لاءِ ۽ ڦبي وڃين ٿي پاڻ ۽ پنهنجن ڪي ڦبائڻ لاءِ. انهيءَ ڪلي ڪلائي ٻڌيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو هيڏي اختياري هوندي، سٿڻ ۾ ٻليون وجهندي، زوري طهرون ڪرائيندي ٻہ امير چورين نگين کان ٻچيل نہ هوندا هئا ۽ اهي نگيون ٻہ اهڙيون ٿالهي ٻڌيون جو ٻڌندي ٿپرس پيو وٺي.

عاملن، يعني سرڪاري عملدارن جو درجو مسلم حاڪمن جي جهالت ۽ مورکتا ڪري ئي پيدا ٿيو. اهو درجو هلنديءَ وارو ۽ ماڻهن ليکي سنڌي هندن ۾ گهڻو 'آبرودار' درجو هو. عامل ٻين هندن کان ڀهر ويس ۾ ئي پڌرا آهن...... ڪڻڪ رنگا، خوبصورت، سوڌن روشن وارا، ۽ گوشت کائڻ ڪري ٻين هندن کان ٻت ۾ مضبوط؛ منائي ۽ گهر جي شوق ڪري اَلبت ٻت ۾ متارا، سهڻي ڏيل ۽ ڏيک ڪري هنيلا، ۽ عمدن ڪپڙن جا نهايت شوقين آهن. روشن ۾ مسلمانن کان نيارا جنجو مهاندو ڪائڻ وڏيڪ چربدار تو ٿئي. نڪ سڌو جهڙي آمي جي ڦاڙ.

عامل جي ڪتابي تعليم مختصر تي ٿئي. بالڪل ۾ آخوند جي مڪتب ۾ وڃي لکڻ پڙهڻ سگهندو. يعني تہ اها فارسي سکندو جا هند سنڌ جا تعليم يافتہ فارسي سمجهن ٿا. فارسيءَ جا اُچار ٻہ اهڙائي ڦريل

مرڳوئي فارسي ناستالڪ لپيءَ ۾ ڪنهن دوست جي پوتيءَ مان ٽڪرا ڳولي لکندو.

## (٢٦) سنڌ جا ماڻهو.

سنڌي، يعني سنڌ جا عام ماڻهو اڳئين هندو قوم جا پويان آهن، جنسان ايراني، عرب، بروچ، بروهي ۽ پٺاڻن جو اولاد به مليل آهي. شايد انهيءَ ڪري بت ۾ مضبوط ۽ ڏسڻ ۾ طاقت وارا آهن؛ مگر مڪاني سببن ڪري چڱين قومن سان ميل به حقيقت ۾ سنڌن اولاد کي ڪين سڌاريو آهي. سنڌن چهرو ڳوڙهي خاڪي رنگ کان ويندي ڏکڻ يورپ جي ڪاري زيتوني رنگ جهڙو آهي. روش اڪثري ڪرا ۽ نفيس، سؤڌا ۽ موچارا ٿيندا اٿن؛ پيشاني، هندوستان وانگر ننڍڙي نه، پر گول ۽ اوچي: مٿو ناهوڪو، اکيون، وار ۽ ڏاڙهي، خاص ڪري پويان به نهايت عمدا اٿن.

ڪن صدين کان سنڌين جو سنڌ ۾ اهوئي حال ٿيو آهي جو انگلنڊ ۾ اُتر مان ڪاهن ڪري سيڪسن قوم جو ٿيو. تنهنڪري بدني طاقت هوندي به سنڌن همت الهندي هندستان جي رواجي ماڻهن کان به گهٽ آهي. هيءَ سچ پچ جيتيل هيسايل قوم آهي. گرم ۽ گهميل آب هوا واريءَ ماٿريءَ ۾ رهڻ ڪري، سرد ۽ سچن ملڪن ۾ رهندڙ اوسيٰ پاسي جي ڄابلو ماڻهن کي منهن ڏيڻ ڏکيو ٿين تنهنڪري نه ڪاهون جهلي سگهيا، نه

Gul Hayat Institute

فائدو ھي آھي تہ زمين ڪجھ وقت غيرآباد رھي ٿي. پر خاص حالتن ڪري مٺ پر انگريزن جو راڄ ڪروڙھا ھندن مسلمانن تي ٿي ويو آھي ۽ ھرندو. اسانجي راڄ جو سرشتو بہ نھيل نڪيل، ڪل موافق، قھري آھي، تنھنڪري حاڪمن توڙي رعيت ٻنھي لاءِ نقصانڪار ۽ ناگوار آھي.

ھوڏانھن ھندوءَ جي ھٿ ۾ قلم لوھہ جي شيخ مثل آھي، جا ڏسي ڪمبخت سنڌي ڏڪي ۽ ڪنبي ٿو. اُيرندي ناري طرف گشت ڪندي ھي حال ڏٺم: منھنجو تنبو ھڪ واھڻ وٽ لڳل ھو. تن ڏينھين ڳوناٺا ويچارا ھرڪنھن گوري کي حاڪم سمجھندا ھئا. ڪو ايندو ھو تہ ھڪدم اچي ٽوپلي ڪوٽ جا سلامي ٿيندا ھئا. سو مون وٽ بہ مڙي آيا. نيٺ ھڪ اُنھيءَ قوم جو آيو جنھن قوم کي، خبر نہ آھي ڇو، نماڻي ۽ نرم دل سڏيو اٿن. مون وٽ ھڪ ڪنجوس، ڪنور دل واڻيو نيچ نتوائي اچي بيٺو. ٻت ۾ ليڪڙو، شڪل ۾ شودو، جنسي شڪلاڪ جي مورت ھو. ھڪ گڏھڙي تي اُگھاڙي پٺيءَ ويھي، پير لپ لپ ڪندو پئي آيو چڙھ ڪو ٻنمانس باندر ھڪ نيوفائونڊلنڊ جي ڪتي تي چڙھي پيو اچي. گڏھہ تان لھي، اڳيان بيھي، ادب سان ھٿ ٻڌي، فرياد ڪرڻ لڳو ڇي فلاڻو ھاري ھھڙو تھڙو، منھنجو لھڻو مونکي موٽائي نٿو ڏئي.

پڇيم تہ "ڙي آن ضبط ڪيو اٿيس؟"

جواب، "هائو سائين، پر تنهنمان قرض نٿو لهي."

س- "مال مويشي وڪيو اٿيئي؟"

ج- "سو به برابر، منهنجا حاڪم، پر پوءِ به قرض نٿو لهي."

س- "جوڙس جا زيور، ٻارن جا ڳهڻا، ڪپڙا لٽا، سامان سڙو، هٿ ڪيا اٿيئي؟"

ج- "سو به ڪنيون اٿم، پر ڪٿل جي گهران هٿ ئي ڇا ايندو؟"

س- "ڇني ڇپر مان به ڏڪي ٻاهر ڪيو اٿئيس؟"

ج- "حاڪم هاڻ جهنگ منهن ڪيو وينو آهي."

"تڏهين ڙي ليڙ پيه بڌاءِ ته باقي آءٌ ڇا ڪريان؟"

مطلب ته مشرق ۾ اهڙيون حالتون دل ڏاريندڙ آهن، ۽ ٻڌڪ اٿم ته ١٨٧٦ کان اڳ جي مسلمان هندوءَ جي ستم کان ٻچايو نه ويندو ۽ ڪو قاعدو يا ڪنهن نموني جو ڪٿل ڪاتو ڪڍيو نه ويندو ته بنه زبون ٿي ويندو.

سنڌيءَ جي روز مرھ جي خوراڪ ٿلها ۽ ڪچا ٻاجهر جا ڍوڍا. اُتو ٻاڻيءَ سان ملائي، ڳوهي، ٺٺي، دانگيءَ تي پچائيندو آهي. سائيرو رنگ جنهان سڙيل گهه، ڪاڻ تي دل ئي نه پيئي ٿئي. هيءَ خوراڪ گرم سمجهبي آهي، تنهنڪري عام ماڻهو سياري ۾ اڪثري ٻاجهريءَ تي ئي گذر ڪندا آهن. هوند وارن لاءِ ته

لڳندا. سوٽا پريندي نشو چاڙهڻ لاءِ هو توري منائي کائيندا يا ٽاڏل لاءِ ڦلا ۽ ڦنگا کائيندا. اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ مستيءَ ۾ ايندا ۽ هرهڪ ٻياڪ تي نرالو اثر ٿيندو. ڪو گوڏن تي ٻانهون ٻڌي پٽ تي موٽو ٿيو وينو هوندو ۽ جڏهن پيو ڪنڌ لٽڪائيندو تڏهن چرندڙ ٻڪر وانگر پيو ٻڳهي ڏاڙهي ڏوٽيندو. پاسي وارو يار ڳاني جو شوقين هوندو، ته اهو وري پنهنجي ئي موج لاءِ سر پيو آلاپيندو. ڪو وري تنهائي ڳوليندو ته مٿان چادر تاڻي، گوشه نشيني اختيار ڪري، ”ڪين“ جي مضمون تي ويهي ڳُوڙها خيال پچائيندو. چوٿون وري اجائي ٻڪ شڪ ۾ وڃي پوندو. پنجون جوش ۾ اچي نچڻ ٽپڻ لڳندو ۽ جي گرم مزاج هوندو ته هڪ ٻه ٻئي جي ڪوپري اُتي پڇندو. باقي ٻيا ڳوڙهه پياڪ، سانت ۾ وينا نهاريندا، وقتي ڳپور هڻندا، هڪ ٻئي ۾ زٽ هڻي پاڻ وندرائيندا. زٽ به زٽن جهڙا. اُبي پيا ڦاڙيندا، اهڙا جو نه ڪنهن ٻڌا نه سُيا. محفل جي هڪ خوبي هيءَ ٿيندي آهي: ڪنهن هڪ جڳهي ڪنگهيو، يا ڇڪ ڏني، يا ڪٽي کليو ته سڀ گڏجي ڪنگهندا، ڇڪون ڏيندا ۽ کلندا! جو ڏسي تماشبين عجب ٿيا کائيندا، ۽ محفل اٽڪل ٨ بجي سانجهيءَ جو برخواست ٿيندي، جنهن مهل سڀ ملول منهن ڪري رولو جنؤن وانگر گهر ڏي موٽي ويندا......

جي ڪري بخت ڪيس تخت نشين ڪندو هو ته ڪي هفتا پست جي روزاني ستي ڪٽي بند ڪندا هئا، ۽ اڪثري سنڌس مغز کي ڪو دائمي يا عضوي نقصان نه رسندو هو. خبر نه آهي ته ڇو هيءَ آفرين جهڙي تدبير يورپ ۾ حاڪمن داخل نه ڪئي آهي؟

نيرڻ کان اڳ پيئڻ بدران منجهند جي کاني کانپوءِ پينگ ونڻ ڪري، پياڪ کي نقصان ڪجهه گهٽ ٿي ٿيو. پر سنڌس صحت، بدني توڙي دماغي ڪجهه نه ڪجهه ضرور بگڙي ٿي. پينگ کان نرالو آفيم "بهادرن جي سرڪي" سمجهيو ويندو. اڪثري "ڪسمبو" ناهي پيئندا آهن. گهربيل انداز کان جي ڏيڍي سان ڪنهن ذاتوءَ جي برتن ۾ سنهو پيهي، ڇڙڇاڻ ڪري پيئبو آهي. "ڪوڙي همٿ" پئدا ڪرڻ لاءِ "ڪسمبو" اڪثري ونندا آهن، ۽ مياڻيءَ جي جنگ ۾ بروچ تلوار بازن جن اسانجي بن سپاهي رجمنٽن کي ڀڄايو، تنجي همٿ بہ قدري نشي ڪري هئي.

گذريل پيڙهيءَ جي اِتيلين وانگر سنڌين بہ اباڻي ۽ قديمي غلاميءَ جو بوجو محسوس ڪيو آهي. بہ انگلو اسڪينڊينيوين ۽ انگلوسئڪسن وانگر منجهن سيني جو زور ۽ اها عجيب ڪاهلي ڪانهي، جنهنڪري انهن اتر جي ماڻهن حاڪمن جي زور زبر کي هيسجڻ بنا منهن ڏنو. غلام قوم هريرو بزدل ٿي ٿئي. نيو بيا

## ٢٧. هندوُ زالون — ١

يورپ جي يهوداڻين وانگر سنڌ ۾ هندوُ زالون مردن کان وڌيڪ حسين آهن. سوڌا روش، عمدو ڊول ۽ سهڻي شڪل اٿن. هندستان ۾ ٿئين هٿ بہ ڪي اُين ڪلهن سان آهن. اڪثري چمڙي سنڌن ڪڻڪ رنگي، صفا، ڳلن ۽ هٿن جي ترين تي ٿڌو ڳلابي رنگ بہ ڏسبو آهي. مگر اکيون تہ هرڻ جهڙيون اٿن؛ ڇڄجي ڪٽي تہ روشن ۾ اهو روش اٿن. شايد انهيءَ ڪري ئي سڄو بدن ڍڪي رڳي ”اَڪثري“ ڪنديون آهن، پر اَفسوس جو سنڌن سونهن ٿوري چٽڪي واري آهي. جنکي ڪاڌي پيتي لاءِ خوب ٿو ملي ۽ ڪم ۾ هرو ڀرو ڳهڻو نٿو پوي سي تہ جلد ميينهن وانگر ٻوڦليون ٿيو پون. سادي خوراڪ، ڪليل هوا، هلڪو پهر ويس (يعني اڇي چادر، ويڪرو چولو، ڍڳهو ۽ جهولدار ٻُنديءَ جو ڳاڙهو پڙو ۽ وقتي سليپرن جو جوڙو) کين ڪئين روڳن ۽ اهنجن کان بچائي ٿا ورن.

Gul Hayat Institute

هندو زالون نہ رڳو مسلمان زالن کان وڌيڪ پڙهيل پر عيش عشرت جون بہ اهڙيون ڪوڏيون نہ آهن. ڳهڻا پهري زال ذات جو نهرو ڪري من هريندڙ آهن. ڪن ۾ ڳن، نڪ ۾ نٿ بولو، ڪرائيءَ ۾ ڪنگڻ، آڱرين ۾ مُنڊيون، ويڙهه، مڙن ۾ پازيب، پيرن ۾ بندڙا...... ڳچيءَ جي هارن ۽ ٻانهن جي اڇن يا رنگين چوڙين جو تہ ڪاتو ئي ڪونهي.

بندش هوندي، موچڙن جي ڏر هوندي ۽ اشراف، محنتي ۽ قربانيون آهن. اولاد لاءِ اُڪرنجهه ـ اها مشرق جي زالن جي خوبي ـ من جي مکيه ڪامنا اٿن. مگر اهو پيار ڪهڙو ۽ اُجهل هجي ته به وڻندڙ آهي. هندو ماءُ جو پيار، سو به وري پٽ، سندس لاءِ جڳ ۾ سيڪي آهي. جمڻ جي گهڙيءَ کان وٺي ڏينهن رات سندس پاسو ڪين ڇڏيندي. اَڻ هوُند واري، پار ڊڊيءَ تي تي ڪٽي، وڃي ڪم تي چڙهندي؛ هوُند واري سڄو ڏينهن هنج ۾ وهاري ويٺي سکيو وقت ڪاٽيندي. چگو پلو هوندو ته تيل سان آيي سندس بت عضوا ناهي سوڌا ڪندي. ناچاق هوندو ته سوکهڙا ڪيدي، اوجا ڳا ڪري، هر طرح پنهنجي جيءَ کي جفا ڏيندي. ڳالهائيندي ته ويٺي ايشور کان ٻار لاءِ آسيس گهرندي. انهيءَ نيهن جو زور ٻار ڪڙو ڙو تو تٽي، ته به نٿو گهٽجي.

## (٣٨) سنڌي زالون ـ ٢

سنڌي زالون چنبيليءَ جو يا ٻيو ڪو خوشبوئدار تيل مکي، گول پيشانيءَ متان، ڊگهن ڪارن لسن وارن کي، ٻن وڏين چڳن ۾ ڪوئر ۽ پاٽيءَ سان لڳائي ڇڏين. پنيان سب وار گڏي، چوٽي ڪن، جا ڪمر تائين ويٺي لتڪي. منجهس اُڳنڻ وانگر ٻاڙهو ريشمي چڙو منهن کي ڏاڍي رؤنق تو ڏئي. ناهوڪي مٿي لاءِ ٻيو ڪهڙو سينگار کپي؟ اکيون وڏيون ۽ آبدار، بادامي ڊؤل

## (٢٩) سنڌ جو عدالتي سرشتو.

### ( ١٤ ڊسمبر ١٨٤٣ )

منهنجي خيال موجب سنڌ ۾ حڪومت جو هيٺيون سرشتو هن وقت چالو آهي. گورنر (سر چارلس نيپيئر) ملڪي ۽ فوجي حاڪم آهي، پر مقرر ٿيڻ مهل ڪي خاص اختياريون مليل هيس، جنهجي مونکي خبر ناهي، رعيت مٿان مرڻ جيئڻ جون اختياريون اٿس يا نه، انهن ڪلي اختيارين جو استعمال ڪري ٿو يا نه، تنهنجي وڏيءَ سرڪار کي خبر ڏيڻ گهرجي. ڪلڪتي ۾ مسٽر ٿاماسن ٻڌايم ته سنڌ ۾ هڪ ماڻهوءَ کي اهڙي ثابتيءَ تي ڦاسي ڏني ويئي جنهنکي جيڪر ٻئي ڪنهن به ملڪ ۾ وزن ڪين ڏجي. گورنر کي فقط هڪ سيڪريٽري آهي، جنهنجي معرفت سيني مکيه راڄنيتي، عدالتي ۽ ريونيو سوالن بابت لکپڙهه هلي ٿي. ديواني ۽ فوجداري فريادن جي جاچ لاءِ هڪ جج- ائڊووڪيٽ جنرل (لکندڙ پاڻ) آهي. ٽي ڪليڪٽر، جي مئجسٽريٽ به آهن، تنکي ڏهاڪو ڊپٽي زيردست آهن. پوليس کاتي مٿان هڪ سپرنٽنڊنٽ آهي، جنهن جي هيٺان ٽي اسسٽنٽ، ٽن ڪليڪٽرن لاءِ آهن. باقي حڪومت جو چرخو سنڌي ڪاردارن جي هٿ ۾ آهي. اهي ڍل وصول ڪنٿا ۽ ڪجهه ماجسٽريٽي به هلائين ٿا. باقي ٻڌو اٿم ته خواهه مخواهه ماڻهن کي خوب پيڙين به ٿا.

Gul Hayat Institute

ڪورٽ مارشل (فوجي قانون) جي پيروي ڪجون پر آءٌ ڏسانٿو ته اُنلو عجيب غريب ڪاغذ، ڪي انگريزيءَ ۾ ته ڪي سنڌيءَ ۾ پيش ڪن ٿا، جن مان اٽين به نه پيو معلوم ٿئي ته ڪهڙي قسم جو ڪيس هليو آهي. هڪ نهايت چرچي جو ڪيس پڙهيم، جنهنم جنهن شخص مٿان فرياد هو، ۽ جنهن تي ڪيس هلايو ويو، سو تپاس کان پوءِ ڏنو ويو ته حاضرئي ڪو نه هو. هڪ چور هو، ۽ مئجسٽريٽ مخفي هو جو ڪيس گرفتار ڪري نه سگهيو هو! سا ڳئي مئجسٽريٽ ڪن شاهدن کي چور سمجهي سزا ڪٽي ڏني، جيتوڻيڪ مٿن ڪيس ئي ڪو نه هو. سزا به ڪا هلڪي نه، ٽي چار سال سخت پورهئي جو قيد. اِنهن مثالن مان پڌرو آهي ته عهديدارن جي قاعدي سان واقفيت ڪا گهاٽي ڪانه آهي. ٻيو به ڪيس ٿيو، جنهنم هڪ شخص ڪنهن خون ۾ شريڪ ٺهرايو ويو، ۽ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي. خون ٿيو هو تنهنجو مونکي شڪ ڪونهي، پر هي شخص شامل هو يا نه تنهن بابت ڪجهه شڪ اٿم، پر ڦاسيءَ تي ته چاڙهيو ويو. پلا مثل ڇا ڪچندا؟ ڳرا ڪيس هن طرح غفلت سان هلن سو گورنر کي به ناجائز لڳو. هارط حڪم ڪديو اٿس ته آئيندي سيني وڏن ڏوهين جا ڪيس هڪ فوجي ڪميشن هلائي. اها ڪميشن هڪ فورن جي ٽوليءَ جي ڪيس هلائڻ لاءِ اڳيئي سکر ۾ ويهاري اٿس، جو ڪيس

اهو مان هن ڪري ٿو چوان جو ڪن مئجسٽريٽن جو دستور آهي ته رايو ڏيئي سزا ٿا ڏين، ۽ ڪن جو دستور آهي ته رڳو شاهدي وٺي راءِ بنا ڪاغذ ٿا پيش ڪن، پوءِ سزا ڏين يا نه، گورنر ته ڪنهن به صورت ۾ پاڻ کي بدل نٿو سمجهي.

منهنجي اڇڻ ڪان جلدئي پوءِ فوجداري ڪارگذاري لاءِ هڪ ننڍڙو قانون نامو ناهي پيش ڪيم. ڪٿي سمجهجي ته اهو قانون نامو نهايت عمدو نه تهيل هو، پر هاڻي جو قاعدي جي انحرافي پيئي ٿئي ۽ بي ضابطگي پيئي هلي، تنهنڪان هڪ قسم جا رول جي سيني سان ساڳيءَ ريت لاڳو ٿين، سي بهتر ٿيندا.

## هارين جي خوراڪ.

قئدين کي هتي (ميهڙ ۾) روز هڪ سير جوئر جو ملندو آهي. تنهن مان ڪڏهين لب پري ڌ روائي واڻئي کي ڏيندا آهن، جنهنلاءِ لوڻ چپٽي ڏيندو اٿن. ڪاٺيون ته جهنگ مان پاڻيهي وڃي اڇن. سو هر هڪ قئديءَ مٿان خرچ هڪ سير جوئر ۽ ٻهڙ جي چڪيءَ جي گاس.

سنڌي هاريءَ جو رواجي کاڌو جوئر آهي. جوئر جو سير ٻٽي ڪنهن به اَن جي سير کان وڌيڪ پسند ٿا ڪن. منجهند جو جوئر جو روٽلو تنهنسان بصر ڪِنيءَ ڏهه ڌرو خاصي خوراڪ سمجهيو آهي، پر سانجهيءَ جو

ڪي اهڙو قانون نامو نه ناهي ڏيڻ نسورو ظلم آهي. اينرو قبول ڪندس ته جيسين سر چارلس همت آهي تيسين رعيت کي جڳو ۽ چوکو انصاف پيو ملندو، پوءِ ڪري کهڙي به نموني ڪارروائي هلي، پر تڏهين به هيڏي مکيہ سوال بابت ڪنهن به شخص کي، چاهي ڪهڙي به لياقت وارو هجي، هيڏيون اختياريون ڏيڻ واجب ناهي. رعيت جي آزادگيءَ ۽ حياتيءَ جي بچاءَ لاءِ آپيشاه حاڪم جي سچائي ۽ ايمانداريءَ کان بيا ڪي وڌيڪ بچاءَ جا اُپاءَ هئڻ کپن. هاڻوڪي سرشتي جي فائدي ۾ هڪ ئي عذر ڏيئي سگهجي ٿو، ته اِهو ضروري آهي. پر سوال آهي ته ڇالا اِهو ضروري آهي؟ ديواني عدالت به فوجداريءَ وانگر بي انتظام آهي ۽ ساڳيا عملدار هلائين ٿا. نه ڪوڊ آهي، نه اپيل لاءِ رول آهن. مطلب ته فريادن جي مدت بابت رُولن ڪانسواءِ پاڻيان ٿو ته پيو سارو قصو جڻن ميرن کان اڳ هو تئن ئي پيو هلي. پر مدتي قاعدي بابت بندش به نالي ماتر آهي، ۽ مئجسٽريٽ چاهي ته اُها لاهي سگهي ٿو. ديواني دعوائن ۾ فقط هڪ خاص ڳالهہ آهي جو بنهي ڌرين کان فيئون ورتيون نٿيون وڃن، يعني سرڪار جو اهڙو حڪم ڪونهي. پر آءُ پاڻيان ٿو ته ڪي ٿورا آهن جي مئجسٽريٽ اڳيان هٿين خالي وڃن ٿا. جن ڪيسن جو ڪاردار فيصلو ڪن ٿا، تن بابت خاطري اٿم ته جهڳڙي واري ملڪيت جو ڳچ حصو عملدار هضم ڪيو وڃن.

جنهن وقت هن ملڪ جو دائمي قبضو ونڻ جو فيصلو ڪنداسين تنهن وقت هڪ ديواني ۽ فوجداري ڪوڊ تيار ڪري بدرو ڪرڻ ضروري ٿيندو. اهي ڪوڊ جيئن سليس هوندا تيئن بهتر. سنڌ ۾ پهچڻ کان جلد پوءِ جيڪي ناهي جوڙي جنرل اڳيان پيش ڪيم سو خامين کان آجو نه آهي، پر پانيانٿو ته جيڪي گهر جي سو گهڻي قدر منجهس آهي.

## ٣١- اميرن جي رحمدلي.

اميرن جون ڪئين خاميون بڌيم، پر منجهن ڪا اهڙي خرابي ڪانه ڏٺيم جا اڪثري اشراف انگريزن ۾ نٿي ڏسجي. مير مبارڪ بابت چوندا هئا ته لوبي هو ۽ ڪو به گرنگ ڪيميادانيءَ جي هام هڻي ڪيس ٺڳي ويندو هو؛ چون ٿا ته مير علي مراد همت ڦاڙ هو ۽ ڏاڍايوُن ٿي ڪيائين. پر ڪنهن به مير مٿان ڏوهه جي تهمت مون ڪان بڌي. فقط هڪ پيري گناهه جي سزا ڏنائون ۽ ڏيڻ ڪري جهڙو پاڻ سُرهو ڪيائون تهڙو ئي گنهگار بدنام ٿيو. پندرهن سالن جي ڳالهه آهي تـه خيرپور ۾ هڪ قاضيءَ جي ڌيءُ پروچاڻين کي قران پاڙهڻ ۽ بيو ڪجهه سيکارڻ ويندي هئي. سڀ عربي فارسي پڙهڻ ۽ ڪيترين ته لکڻ به سکنديون هيون. ڇوڪري جوان ۽ حسين. محمد خان ٽالپر جي حرم ۾ ايندي ويندي هن شخص جي مٿس نظر پئجي ويئي. پوءِ وجهه واي

ڪين مليم. هڪ ڀيري مير رستم جي ننڍي پٽ سان شڪار ڪندي هڪ بندوق جي تعريف ڪئي ڪيم. ياقوتن سان جڙيل ۽ مٿس سونهري نقش اُڪريل هئا. اوڏي مهل ڪين ڪڇيائين، پر موٽندي ڏنم ته اها عمدي شي منهنجي گهر اڳيئي رکي هئي. پر اسانجو سرڪاري رول آهي ته هندوستانين کان سوکڙيون نه ونجن. سو مون اها سوغات اُمالڪ موٽائي موڪلي. پر دل ۾ چيم ته انهي مهربانيءَ جو قدر ڏيکارڻ لاءِ آءٌ به ڪا شي ڏياري موڪليان. هڪ عمدو گهوڙو ڇهين سوين روپئي ڳڌو هوم، ۽ اهو هڪ امير ڏي سوغات طور پيش ڪيم. پر انهيءَ سوغات تي ڪو گره ويڙهل هو. جنهن سردار کي گهوڙو ڏنم تنهن هڪ آفسر کي وڪڻي ڇڏيو، جنهن وري ميجر مٽڪ مردو (سر چارلس نيپيئر جي پرائيويٽ سيڪريٽري) کي ڏنو. مياڻيءَ جي جنگ ۾ حملي مهل اهو گهوڙو مارجي ويو.

## (٣٣) دين محمد بُردي.

جن بروچن شڪارپور جي آس پاس بيلن ۾ مسافرن لاءِ هائيدوس مچائي ڏنو هو تنهن خاص ڪري هڪ اهڙو هو جنهنجي شرارتن جي داڻهن روزبروز ضرور ايندي هئي. اهو شرير هڪ دين محمد نالي بردي هو. ماڻهو ڪيس فقط دينو چوندا ها. اُتر سنڌ ۾ نالو وڳل هوس. پاڻس سؤلڙ ڪانئس به به رتيون ڪسر، پر قسمت

Gul Hayat Institute

ڻالو ايترو ٻڌو هو جو ٻجر جي جهلجڻ ڪانپوءِ سنڌس ئي پيڇا ڪيم. پر پيڇا ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي؛ حشامن ۾ هجي ته به ڪيس لهڻ سولو. قداور ۽ جوڌا مڙس ڪئين، پر منهن مان ئي پڌرو هو ته سرويچ ۽ بلهزيو اِهو. اَکيون وڏيون، شوخ، چڻ ته اُلا، بت ۾ لوچو. ڪو خوش ٿي اسان وٽ ڪين آيو هو. سندس قوم ٻجر پنيان هئي، ۽ پنهنجن سردارن دريا خان ۽ ترڪ عليءَ کان به ڪيس سرس ٿي سمجهيائون. سردارن جي آڻ مڃي هن پاڻ کي فرنگين وٽ ڪٽي ڦاسايو، پر اسان سان دشمني سندس رڳ رڳ مان پئي بڪي. تلوار مُوني تائين رت ۾ رڱيل ۽ ڦر تي ماڻهن جا تازا وار چنبڙيل، جنهن مان پڌرو هو ته تلوار کهڙا راڳ ڪيا هئا؛ نڪي ڪي پاڻ لڪ ڇپ تي ڪيائين. ٺهڪ ڏيئي ڪيڏي تي ڏيکاريائين، ۽ هرهڪ داغ جو داستان ٿي ٻڌايائين.

جانيءَ کي ٻڪڙڻ لاءِ اسان هڪ سوارن جو جٿو موڪليو هو. ڏينهن به اڳ هڪ سوار جو گهوڙو سج ۾ مري ويو هو، ۽ گهوڙي جو هنو ۽ سنج ڪٽي اچڻ لاءِ چار سوار موڪليا هئاسين. انهن ڇئن مٿان جاني هڪ بروچن جي ٽولي وٺي تواچي ڪڙڪي. سندس مشڪي تازي گهوڙي هاڪاري هئي. ڪين ڏسندي ئي اسانجا سوار پيچ پائي اُتي پڳا. تن کي ته اُقت ماري وڌائون، باقي ڇوٽون جان بچائي آيو. مگر سندس گهوڙيءَ جو پنيون پاسو تلوار جي ڌڪ اهڙو گهائي وڌو هو جو سؤار

Gul Hayat Institute

هئي ۽ ويڪر ۾ سايا ١٨ فوٽ بيشڪ هئي، ۽ سندس ڪام اپائي فٽ. ٦ ڳن هوس، ۽ هرهڪ ڳن پنڇن خلاصين موڙيو تي. ملبار جي پڪي ساڳي جي جڙيل هيون جي مغلبين يا ڪراچي بندر تي ٺهن ٿيون. درياھ تي جهمٽين کي هڪ ئي خطرو آهي. ڪنهن بدل وڻ مٿان اچي ويٺون تہ سندن تري کي ڇوڪو آهي. باقي اهڙيون پڪيون ۽ مضبوط آهن جو جيتي ٻوُنڊي پرزا پرزا ٿي پوي تان جهمٽي ثابت لنگهي ويندي. باقي مال، خاص ڪري اَن ڪڻڪ لاءِ ساري سنڌ ۾ ٻونڊي ڪم ايندي آهي.

## (٣٦) سنڌ ۾ درياهي سفر.

درياھ کي سنڌين ٻاڳن ۾ ورهائي ٽڪر ٽڪر کي مڪاني نالا ڏنا آهن. جن انگريزن درياھ بابت لکيو آهي تن اِنهن نالن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو آهي. درياھ جي بيانن ۾ تنهنڪري ئي مونجهارو نظر ايندو آهي جو ٻاڳي ٻاڳي جي حالتن موجب جدا جدا نالا مليا اٿن، پر اسان جي لکندڙن سمجهيو آهي تہ اهي نالا ساڳئي درياھ جا نہ پر اُنهي شاخن ۽ واهن جا آهن. مثلاً ڪن ڄاڻايو آهي تہ ڏِڪرَ (گهوڙاٻاري) وٽ وڃي ٿي ڪجامڙيءَ ۾ پوي، پر اِهي شاخون نہ مگر درياھ جي ٻن ٻاڳن جا جدا نالا آهن، جي ڪنهن خاص سبب ڪري ۽ پوُرا ڏنا آهن. هيٺينءَ يادداشت مان خبر پوندي تہ حيدرآباد

Gul Hayat Institute

کان هيٺ، ويندي سمنڊ تائين درياهه جي ياڱن جون کهڙيون حدون آهن ۽ اهي ناﻻ چوڏنا ويا آهن:-

ساهو- (حيدرآباد وٽ هڪ ڳوٺ کان ويندي ننتي وٽ ٽڪرن تائين: مفاصلو ٤٠ ميل) معنيٰ: چڱو.

سيتا- (ننتي کان وٺي ٽُوٽهه تائين ٢٨ ميل) معنيٰ: اڳي سيتا درياهه اِتان وهندو هو.

موگراه- (ٽوٽهه کان وٺي اڳتين نير درياه جي پيٽ تائين: ٥½ ميل) موگراه قوم جي نالي تان.

پوپٽ- (نير کان وٺي سوُناهوُ تائين: ٤½ ميل) ڏند ڪٽا موجب.

واياڻي- (سوُناهو کان وٺي گوراهه تائين) واڻين جي وسڻ ڪري.

ٻنو- (گهوڙاٻاري تائين) درياهه تي ٻند ڪري.

حجامڙو- (گهوڙاٻاريءَ کان سمنڊ تائين: ٢٠ ميل) جو هڪ پيٽل حجام پار ويندي هٿ ٻڌو هو.

درياه جي هيٺرن ياڱن مان، ٽن ياڱن (پوپٽ، موگراه ۽ سيتا) جون ساڳيوُن حالتوُن آهن ۽ سفر لاءِ انهن حالتن جي واقفيت ضروُري آهي. درياهه جي انهيءَ ٽڪر ۾ اَتل پتل ڪري هيٺ دوابي ۾ درياهه جي شاخن جا وهه ڦرن گهرن ٿا ۽ اهي تبديلون تيئن تيون، جنڪري دريائي سفر خطرناڪ ٿئيتو. ننتي ساهوُ ياڱي ۾ ٻنهي ڪپن جي زمين پڪي آهي ۽ ٽڪرن جي قطار ڪري. درياهه ساڳي واٽ وٺي وهي ٿو، پر سيتا

کو ورلي وڏي ويجهي ٿو. ڪانئين ڪرڻ ۾ ٻه وقت لڳيٿو. تازو "اِنڊس" جهاز جي سفر ۾ ٻير جي ڪاٺي ٻاري ويئي، ۽ اها نهايت ڪمائتي نڪتي. ٺمر جي ڪاٺي به چڱيري آهي، پر اها فقط سمنڊ جي اوسي پاسي هٿ اچيتي. هنوقت پُورو بندوبست ڪجي ته ٻن جهازن لاءِ وات تي پُورو ڏاڪ ملي سگهيٿو.

## (٣٧) حيدرآباد شهر - ١٨٣٦ع.

قلعي جي بچاءَ لاءِ چارون طرف هڪ خندق (کاهي) آهي. شهر سان آمدرفت لاءِ وڏي دروازي جي سامهون ڪڏ مٿان هڪ پل آهي، جا لنگهي شاهي بزار ۾ وڃي ٿو پئجي. دروازي اڳيان به بچاءَ لاءِ هڪ نيم چڪر ديوار آهي ۽ کهڙي به پاسي دروازي تي پهچڻ لاءِ اڏ شهر جون سوڙهيون گهٽيون ڦريائين لنگهڻيون ٿيون پون. ڪوٽ اندر چاڀون هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ ٿيون پيئون آهن، ماڳهين ڪوٽ ڪان وڌ شهر ترتيب سان اڏيل آهي. قلعي ۾ هرقسم جا مڪان جڙيل آهن، جن جو ٻه اُنڌ نه منڍ ۽ هيڏانهن هوڏانهن فقط سوڙهيون ۽ ڏنگيون گهٽيون آهن. صاحبزادن جا محل، ديوان خاص، ميراڻي دربار، نوڪرن جون جڳهيون، مسجدون ۽ ڪڙهيون، حرم خانا سڀ اندر هڪ ٻئي مٿان ستيل آهن. اندر نه باغ، نه پدرو، جتي ڪسرت وٺي سگهجي يا سچ هوا وڃي سگهي. سيني عمارتن پنيان ڪوٽ

ماڻهون رهن ٿا جي شهر کي شيءِ شڪل پهچائين ٿا، پر ٻاڻيءَ جي اڻاٽ ۽ سوڙهه ڪري شهر اندر رهي نٿا سگهن، مثلاً ڌوٻي، رنگريز، لوهار، ڪلال، وغيره جن سيڻي کي دریاه یا واهه جو ڪپ وڏيڪ سهنجو آهي. شهر ۾ وڻ وڻ جي ڪاني آهي. سنڌين ڪانسواءِ ٻروچ، پٺاڻ، ملتاني ۽ ايرندي سرحد وارا رهن ٿا.

## حيدرآباد شهر ۾ واپاري ۽ ڪاريگر:

| ڌنڌو | دڪان | ڌنڌي وارا | نوٽ |
|---|---|---|---|
| ١. اَن جا واپاري | ٤٠ | ٣٠٠ | |
| ٢. باڪري | ٣٥ | ١٥٠ | |
| ٣. لوهار | ٦٠ | ٣٢٥ | |
| ٤. ٺاٺارا | ٨٠ | ١٧٥ | |
| ٥. سوناارا | ٤٥ | ١٠٠ | |
| ٦. چمار | ١٣ | ٢١ | |
| ٧. موچي | ٣ | ٢٢ | |
| ٨. زينون ٺاهيندڙ | ٣٢ | ٢٧٥ | |
| ٩. زره ساز | ٤٠ | ٣٠٠ | |
| ١٠. ٻاروت ٺاهيندڙ | | ٥٠ | اهو ڪم ٻروچ ئي ڪندا آهن. |
| ١١. لوهار | ٤٠ | | انهن دڪانن تي پراڻو لوهه، ڪليون، ڪپ وڪامندا آهن. |

Gul Hayat Institute

| ڏنڌو | دڪان | ڏنڌي وارا | نوٽ |
|---|---|---|---|
| ١٢. ڪپڙي جا واپاري | ١٠٠ | ٤٢٥ | |
| ١٣. جواهري | ٧ | ١٣ | اڪثري ملتاني |
| ١٤. سئي سڳي جا وڪڻندڙ | ٣ | ٧ | |
| ١٥. ڦٽيگر | ٥٠ | ١٠٨ | لڪڙي هالن کان ايندي آهي ۽ مال ٻاهر گهڻو ويندو آهي. |
| ١٦. حلوائي | ٧٠ | ٣٥٠ | |
| ١٧. تيلي ۽ ڳِهَ وارا | ٩ | | |
| ١٨. پساري | ١٢ | ٣٢ | |
| ١٩. وايا | ١٤ | ٣٠ | |
| ٢٠. ڌوٻي | | ٣٢٥ | درياهه جي ڪپ تي رهندا. |
| ٢١. رنگريز | | ٢٧٥ | |
| ٢٢. ڪاسائي | ٧٥ | ٣٠٠ | چار دڪان خاص ميرن لاءِ آهن. |
| ٢٣. بهشتي | | ٣٠٠ | ڍڳن تي پاڻي ڀري ايندا آهن ۽ |
| ٦٤. مشڪ وارا | | ١٥٠ | مشڪ ڀري پٺن تي پاڻي کڻندا آهن. |

Gul Hayat Institute

## (٣٩) سنڌ جا شهر.

سنڌ جهڙا گندا ۽ غليظ شهر ڪي ورلي هوندا. گهرن اڳيان ڪني پاڻيءَ جي ڪسي، سوڙهيون گهٽيون جنمان بوجي وارو اُٺ ڏکيو لنگهي سگهي؛ وات تي چيٽي جا ڍير؛ هتي هتي رولو ڪتن جون ٽوليون جي ڏاريو يا گـورو ڏسي اُلر ڪري ايندا يون. بارن مٿان اينتريون مکيون جو سنڌ ن منهن نہ پيا ڏسجن؛ ڪاسائي يا پساريءَ جي دڪان تي هزارين مکيون. خبر ئي ڪانہ پوندي تہ کهڙي شيءِ وڪري لاءِ رکي آهي؛ هوڏانهن گهٽين ۾ گدلن ماڻهن جي پيهہ، بانسون جي نک پيڻون ساڙين، ۽ اُس اهڙي تکي جو بڏو تري ونجي. اِهي اٿو سنڌ جا شهر. وائکائي ۽ ناڙ ڪري سڀ رات جو کڏن تي سمهندا آهن.

چڱي خاصي شهر ۾ بزار ضرور هوندي. پر تڏن يا ڳوٺين سان پيڪيل، جو ڏينهن تپي تہ گرمي نہ ٽئي. شڪارپور جي بزار ۾ جهڙي رونق لڳندي آهي اهڙي مصر ۾ قاهره ڪانسواءِ بين ٿورڙن هنڌ ڏسبي آهي- عجيب، غريب، چهچٽي واريون ٽوليون. هـت وچ ايشيا جـا واپاري، اُيرندي ۽ اُلهندي هندوستان جا واپاري پاڻ ۾ ملندا جهلندا ڏسڻ ۾ ايندا. اٽڪل ۴ بجي شام جو بازار تيز ٿيندي. پوءِ مٿي ڏوڙيو وسندو، گپا گيهہ ۾ ساهہ پيو منجهندو ۽ سؤدي وارن جو گوڙ گنبور مچندو. مُطلب تہ مشرق جو لقاءُ لڳندو.

هو هنيلو مسلمان ڏس. عمدي سنهيل سينگاريل خراساني گهوڙي تي چڙهيل، مٿي تي ڪيمخاب جي ڏگهي ٽوپي، ڳچيءَ ۾ ريشمي رومال، اڳيان ۽ پٺيان سنڌي سپاهي "پوش! پوش!" ڪندا ڏوڪيندا ويندا؛ پوءِ پناڻ لنگهندو. ڇاتيءَ تي نيرو رومال، ڪلهن تي ڪارا ڏگها گهاٽا وار، اکين ۾ آڱر، ڳلن تي جبل جي هيرن جي لالاڻ. ڏاس جي جبي وارو پشين جو سٽد، حسين جڙاتي، جهولدار چوغي ۾ رنگارنگي پٽڪي سان قندار جو سؤداگر، ڳري تلوار ۽ شوخ مهانديءَ وارو قداور پناڻ. انهن سيني جي وچ ۾ گدلو سنڌي ۽ ڇوٽو، ذليل، نيچ نوائيندڙ هندو- شايد لکن جو خاوند، پر ميرن جي لت کان ڏهڪايل. اڇو اهڙن جون ٽوليون شڪارپور جي بزار ۾ پيٺون ايندي يون وينديون؛ فقط جهنڊولن وارن، وڏي پڳ، تلوار، بندوق ۽ تازي گهوڙي وارو جهنگلي بروچ ڪين ليندو؛ اهو رڻ پٽ جو قورڙو شهرن جو شوقين ناهي، ۽ انهيڪري شهرن ۾ ڪين ڏسبو آهي.

## (٤٠) سنڌ جا هندو.

سنڌ جا هندو بلڪل عجيب ڇمڙيءَ جا آهن؛ ڪي هوند وارا شهرن ۾ سکيا آسودا رهن ٿا، پر غريب واڻيا سي ته هڪ ذليل قوم آهي. نهايت گندا، هلت ۾ نيچ ۽ بيچاز. پهؤدين وانگر آزاريل ۽ ڌڪاريل: پهرويس هندوستان ۾ نيات پاڻ جهڙو. پگڙي اکثري وڏيري،

ڏنو اٿن، سي اُهي ئي محسوس ڪري سگهندا جي اسانجي ملڪ ۾ يهودين جي تواريخ مان واقف آهن. پر مهاڪڻن سخنيون سهندي به ملڪ ۾ پير کوڙيو اٿن، ۽ سنڌو درياه جي ڇوڙ ڪان وٺي افغانستان جا لڪ لنگهي ويندي هرات، بخارا تائين وڏو ۽ ڳرو واپار هلايو اٿن. واپار کي زور وٺائڻ لاءِ جيڪا حرفت ۽ قابليت گهرجي سا منجهن موجود آهي، ۽ اِها ڏيکارڻ لاءِ فقط اسان جي حفاظت جي ضرورت اٿن.

## (۴۱) سنڌ جا هنر.

سنڌ ۾ جيڪي ٿورا هنر آهن سي به عجيب غريب شين موجود ڪرڻ لاءِ آهن. نهايت هوشيار ڪوري ۽ ڪاريگر ملندا. جنديءَ جو ڪم عجيب ٿا ڪن، ۽ اِنهي لاءِ سڄي هندوستان ۾ مشهور آهن. جنديءَ جون شيون جيڪي حيدرآباد ۾ ٺهن ٿيون تنهن انگلنڊ ۾ به گهڻو قدر آهي. پر هن وقت اهڙي عمدي ڪم ڪرڻ وارو فقط هڪ گهر شهر ۾ وڃي بچيو آهي، جنهنمان پڌرو آهي ته اهڙا ڪاريگر ملڪ ڇڏي پيا وڃن. اوّل ديٻچي جا ڪاريگر بمبئي ۽ ٻين پاسن نڪري ٿا ويون، جنهن جو ظلم گهٽ آهي. اُتي لڪڙي ۽ عاج ۾ اهڙو سهڻو زيب وارو ڪم ٿا ڪن جهڙو چين ۾ ٿيندو آهي. سنڌ جا نهيل هٿيار بنوهار هندوستان جي ٻين پاڳن ڪان وڌيڪ عمدا آهن، خاص ڪري بندوقن

ڪپي؛ ماڻهوءَ جو بت ڦوڪيل ڪل جي ٻنهه وچم هڻڻ
گهرجي، ۽ ڪل ڪلهن ۽ ٽرن سان سوگهي ٻڌل هڻڻ ڪپي.
ٿورڙي حرڪت هوندي ته اُونڌو ٿي ٻڏبو ۽ سانداريءَ
تي ڪو اهڙو جهڙو ڪين تري سگهندو آهي. چمڙي
جا ڇاڳل، يعني پاڻيءَ لاءِ ٻاڻليون عمديءَ طرح سينگاريل
۽ ڏاڍيون پسند ايندڙيون آهن.

## (۴۲) ڍلن مان پيدائش.

ڪراچي بندر تي سيني شين جي آمدني تي نرخ
پٽاندر ڇهه سيڪڙو ۽ روانگيءَ تي اياڻي سيڪڙو ڍل
رکيل هئي. تنهنڪان سواءِ شهر جيڏڻ مهل ٽي سيڪڙو
ٻي ڍل به ڀرڻي ٿي پيئي. سيني اسمن جي جوڙ ڪرڻ
بنا ايترو ٻڌائڻ ڪافي ٿيندو ته هڪ اُن جي بوجي
مٿان- مثلاً ولائتي ڪپڙي جي ڳنڍڙين مٿان- سنڌ ۾
لهڻ ڪان وٺي (خشڪيءَ رستي) اُتر ۾ پهچڻ تائين ۵۸
روپيه فقط ڍل چڙهي ٿي. قطارن جو ڀاڙو، بورائي اُماڻڻ
جو خرچ ۽ مسافريءَ جا ٻيا ممت خرچ سڀ تنهنڪانسواءِ.
درياهي رستي واپار ڪولڻ جي مد نظر سان، انگريز سرڪار
سان صلح نامي موجب سڀ راهداري ۽ ٻيا محصول رد
ڪيا ويا هئا، پر سنڌ جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ مال لاهڻ
سان ملڪ جا سڀ محصول وري ڀرڻا پيا ٿي. شهر يا
ڳوٺ ۾ گهڙڻ مهل دروازي وٽ ناڪي يا ٻين شين تي،
بوجي آهر اُٺن يا وهٽن تي محصول هو. بزار ۾ هر شي

ٻرو هو جنئي عقل ڇيو ٿي ته هلڪو هٿڙ گهر جي. تنهنڪان سواءِ حاڪم اهڙا لوڀي ۽ ڦورو جو انصاف ڇڏي جيترو وٹندو هون اوترو ڇڪيندا هئا. ٻڌائون ته ڪنهن بدبخت هندوءَ وٽ چار ڏوڪڙ ميڙيل آهن ته گناهه ري گناهه زور لڳائي ڏهندا هئس. واپار مٿان اهڙيون سخت ڊلون هونديون ته ڪو هندو ملڪ ڇڏي هليو ڪونه ويو، بلڪ اڪثري سکيا آسودا هئا؛ تنهنمان سمجهبو ته يا هو خوش هئا يا ته (جئن وڌيڪ ممڪن آهي) اهڙا چالباز هئا جو تڪليفن کي منهن ڏيندي به پنهنجو مطلب حاصل ڪري وٺندا هئا. هندو واپاري جيڪو مال بمبئي مان گهرائيندا هئا، تنهنتي خرچ لٹي پٹي صافي ويهه سيڪڙو فائدو پائيندا هئا. تنهنڪري اهو ڦورو سرشتو انهن آزاريلن سنڌين لاءِ به آخر اهڙو ضررناڪ نه هو جو واپار صفا بند ٿي وڃي. پر جيڪڏهين ملڪ جا حاڪم اهو رڏي رستو بند ڪري ڪا نياءُ ۽ انصاف جي نيتي اختيار ڪن ها ته نه رڳو سنڌ ن رعيت وڌيڪ سکي ٿئي ها، پر ڊلن جي پيدائش گهٹي وڌي وڃي ها.

ڊلون اڳواٹ وٺڻ لاءِ ۽ وصوليءَ جي تڪليفن کان ڇٹڻ لاءِ گهٹو حصو اجاريدارن کي نيڪي تي ٻڌي ڏنو ويندو هو. امير اجاريدارن کان هڪ ڪوڏي به گهٽ نه وٺندا هئا، تنهنڪري ڪين ڪئن به وصولي ڪري

Gul Hayat Institute

ٻٽسا ونڻ لاءِ ڪلي اختياري ڏنل هوندي هٿي. انهي سرشتي ۾ ڏاڍيون خاميون هيون ۽ نهايت ظلم ٿيندا هئا. رعيت جو ڪو ڪو اوهي نڪو واهي. جج به اهو ته مدعاعليه به اهو. جنهن صورت ۾ اهي نيڪا يڪ سالا هوندا هئا تنهن صورت ۾ انهن به نه هو جو اجاريدار هن سال جي ڪوت ٻئي سال جي نفع مان ڪڍي سگهي. جي ڪوت يا ٿوري نفع جو خوف هوندو هوس ته ملڪ برباد ڪري به وصولي پوري ڪندو هو. اميرن جي راڄ ۾ زمين جا ۽ ٻيا محصول انهن نيڪي تي ڏنا ويندا هئا، ۽ روڪڙ موجود هئڻ ڪري سڀ نيڪا اڪثري حرفتي هندو ڪڻندا هئا.

## (٤٣) ساليانِي آمدني.

سنڌ جي ساليانِي آمدني ڪڏهين ڪيتري ڪڏهين ڪيتري ڪٿي ويٺي آهي؛ مثلاً ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهين ٽالپرن جو راڄ ٿيو تڏهين سمجهبو هو ته ساليانو چاليهه لک روپيه بچت هئي؛ ١٨٠٩ع ۾ اها بچت ٤٣ لک بڌبي هئي؛ ١٨١٤ع ۾ ٦١ لک؛ ١٨٢٤ع ۾ ٥٠ لکن کان ڪجهه گهٽ؛ ۽ پوءِ گهٽجي ٣٥ لک وڃي بيٺي. پر اهي سڀ ڏکيا پنيان ڏڪيا آهن، ڇو جو ٽالپرن جي گڏيل ۽ ڌار ڌار آمدني ڪيتري هئي تنهنجو پورو تخمينو ڪرڻ جو ڪنهنکي وجهه ئي ڪو نه مليو آهي. ڪو اهڙي ٻيا ڪٺي ڪندو هو ته هڪدم شڪجي

Gul Hayat Institute

هئا ته اميرن جي جواهرات، وغيره رڳن پٽن ۽ ٻين لڪلن
پاسي زمين اندر ڏٽيل هئي. هرهڪ امير پنهنجو آمدنيءَ
جو حصو پنهنجي ڌار ملڪيت ڪري سمجهندو هو، ۽
جيڪي گڏيل خزاني ۾ ڏيندا هئا سو فقط ڌارين درٻارن
ڏي ايلچين موڪلڻ جي خرچ لاءِ، ۽ پنجاب، بهاولپور
جي راجائن ڏي سوکڙين سوغاتن موڪلڻ لاءِ انهن ٻنهي
خرچن مان اميرن جي دربار جي ڪنجوسائي پڌري
هئي، ۽ اڪثري ٻين درٻارن جا عيوضي مهمن جا مهنا
لهڻيدارن وانگر ڏڙها پيا هڻندا هئا تڏهين مس پيش
ڪيل نذرانن جو پورو بدلو وني سگهندا هئا. اهڙيءَ
حالت ۾ پڌرو آهي ته سنڌ سرڪار جو سرشتوءَ ڍل ٻستي
جو نمونو خارج ئي هوندو، ۽ جي رعيت جي آزار لاءِ نه
هو ته به سڌاري واداري جي خلاف ئي هو. حقيقتاً اِهو
سرشتو خودغرضي، طمع ۽ ڪوتاه انديش جي نيتيءَ
تي ٻڌل هو. خزانو گڏ ڪرڻ، عيش عشرتون ماڻڻ، ۽
پنهنجن سردارن ۽ سنڌن راڄن کي خوش ڪرڻ (جي
ملڪ جا سچا والي هئا) فقط ايترو ئي اميرن کي
انتظار هو......

## ميراڻي درٻار.

ميرن جي رهڻي رواج جي. خبر سنڌن درٻارين
مان چڱي ٿي پوي. انهيڪري هيٺ حيدرآباد جي
سنڌ جي گاديءَ جو ڪجهه ذڪر ٿو ڏيان. "ڪو

Gul Hayat Institute

## (۴۵) سنڌ جو واپار.

سنڌ ۾ هيٺيون مال ٻاهران اچيتو. انگريزي ڪپڙو، مخملون، کنڊ، مصالح، ٻسارڪيون شيون ۽ ڌاتون. اهو مال گهڻو ڪري بمبئي مان ٿي آيو. ڪپهه، سادو ڪپڙو ۽ ريشمي مال مارواڙ ۽ گجرات مان؛ ريشمي ڪپڙو بهاولپور ۽ ملتان مان؛ اُتر اُلهندي وارن ملڪن سان ڪچو ريشم، رنگ، دوائون، سڪل ميوا، گهوڙا، وغيره؛ ڪچ مان عاج ۽ گجرات ۽ ملبار مان ڪاٺ. انگريزي ڪپڙا جي سنڌ ۾ ڏاڍا چالو هئا سي ڇيٽون، صوف ۽ هڪ رنگارنگي سوٽي ڪپڙو جنهن کي جفر ڪري چوندا هئا. سادو جوڙيءَ جو ڪپڙو جنهنجو ڪاپو جهجهو آهي سو مارواڙ يا سنڌ اندر تيار ٿيندو آهي. باقي ولائتي ململين ۽ پٽين جو واهپو مٿئين درجي جي ماڻهن ۾ ئي آهي؛ اوني بنات جو چلائمان گهٽ آهي. ولائتي سٽ به سنڌ اندر کپي ٿو اچي، ۽ انهيمان سنڌ جي آڏاڻن تي اُچو ڪپڙو تيار ٿو ٿئي. ٻسارڪيون شيون جنکي ڪراڙو ڪري سڏيندا آهن تنجي آمدني ۽ ڪاپو به چڱو چوکو آهي: اوني ۽ سوٽي ڪپڙي جو ڪاپو گهٽ آهي، جيتوڻيڪ اوني ڪپڙي جي واپار ڪري ئي انگريز سرڪار سنڌ سان واپاري واسطو رکڻ لاءِ منتظر هئي؛ مگر اهي شيون عام ماڻهن لاءِ بلڪل مهانگيون آهن، ۽ جيڪي ٿورا واپرائين ٿا تنکي مشرقي شوق موجب ٽڪا

اسان ۾ هيسنائين وچ ايشيا سان بنا اٽڪ واپار ڪولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ انهيلاءِ سنڌ جي رستي جئن هيستائين تئن آئينده اهو واپار دارومدار رکندو. جنهن ملڪ کي اهڙي بندر، درياهه ۽ سڌي خشڪيءَ جي رستي جون خاص سهوليتون آهن تنهن ملڪ کي واپار لاءِ سڀ ضروري سهولتيون آهن. اهڙي واپار لاءِ فقط ساهس گهرجي، جنهنڪانسواءِ ڪهڙو به خسيس ڪم پرثواب نٿو ٿئي.

سنڌ جو مارواڙ، پالي، جيسلمير، بهاولپور، پنجاب، گجرات، ۽ ٻين آس پاس جي ملڪن سان واپار جزوي آهي، ۽ ملڪن جي ڪچي مال ۽ ڪن تيار ڪيل شين جو آهي. ولايتي مال بعضي بمبئي مان انهن ملڪن رستي سنڌ ۾ ايندو آهي. سنڌي آڏاڻن جو ڪپڙو سنڌي پاڻ يا اوسي پاسي جي ٻرن پٽن جا جهنگلي ماڻهو واپرائيندا آهن؛ فقط نٽي جو مال، تنهن ۾ به، خاص ڪري لونگيون، جي سٽ ۽ پٽ جي ملاوت مان نهنديون آهن، تنجي ڳالهه نرالي آهي. انهن لونگين جا اٽڪل ويهارو نمونا آهن، پر تنمان ڪي ٿوريون جنسون ٻين ملڪن ۾ هلن ٿيون. نٽي ۾ جيڪو سوٽي ڪپڙو اڳي نهندو هو ۽ جنهن لاءِ مشهور هو، تنهنجي بدران اڄو ولائتي مال گهرائي، پنهنجي رواج ۽ شوق موجب ڇرائي، اُهو واپرائين ٿا......

هاڻي ٻهرين ٻالهه ته درياهه ۾ ٻيڙين جا ڪئين سنا آگبوٽ هلائط گهرجن؛ ۽ ٻي ٻالهه ته بمبئي مان ڪراچي بندر تي ولايتي مال گهرائي ڏيڻ جو رستو سنڌي واپاريءَ کي کولي ڏيڻ گهرجي. پوءِ هڪدم ڏسبو ته آڪٽوبر کان مارچ تائين شڪارپور کان قندار تائين اٽڪل هيترو وقت لڳندس: بمبئي کان ڪراچي ٻيڙين رستي ۱۲ ڏينهن؛ ڪراچي – سکر درياهه رستي جهاز ۾ ڏهه ڏينهن؛ بولان لڪ رستي قندار ۲۵ ڏينهن – يعني، بمبئي – قندار ۵۰ ڏينهن. مطلب ته اڌ وقت بچي پوندو، جا ڪا ننڍي ٻالهه ڪانهي. وات جو جوکو ۽ خرچ به گهٽبو. ڪري سمجهو ته شروعات ۾ جهاز جي ڪٽاڻي ڳري ٿيندي، تڏهين به اُٺ جي ڀاڙي، بدرقي جي خرچ، وغيره کان گهٽو گهٽ ٿيندو. ممڪن آهي ته چوڏچاءُ تي آمدرفت مٿان ڍلون گهٽ يا معاف ڪيون وڃن. هرات جو واپار قندار ۾ اچي ويو، ڇو جو رستو ساڳيوئي آهي.

## سنڌي سڪا.

رواجي طور سنڌ اندر ڪمپنيءَ جو ڪلدار رپيو چالو آهي. اُتر سنڌ ۾ سهراب ۽ سجاولي – مُلهه ۾ ٻهريون هڪ سيڪڙو ۽ ٻيون اڍائي سيڪڙو ڪلدار کان ڪسو. لاڙ ۾ ڪورا ۽ ڪاساڻي روپيا هلندا – مُلهه ۾ ٻهريون ۲۵ سيڪڙو گهٽ ۽ ٻيون ڪلدار جو اڌ.

Gul Hayat Institute

## (٤٦) سنڌي ٻار.

وڏندڙ ٻار جهڙا سنڌ جي سفيد پوش ماڻهن جا ٿين ٿا اهڙا ٻئي ڪنهن هنڌ مشڪل ڏسڻ ۾ ايندا. روش سوڌا ۽ نفيس، پيشاني گول، ڳل ڀريل ۽ پنيان ڪاريون ريشمي گهنڊيون. اکيون وڏيون، ڊگهيون، ۽ آبدار- اهڙيون سمجهوءُ ۽ چلوليون جو ڏسي حيرت پيئي وڃي. جهڙي شڪل تهڙوئي ڊؤل- سڌڙائي ۽ سونهن اهڙي جو ڪو مغربي چترڪار ڏسي ته چتر ويهي چٽي. ويس سادو- مٿي تي جمني ٽوپي (skull-cap)، بت تي ننڍو ريشمي گهگهو، ڪمر ۾ شال جنهنمان هڪ ننڍڙو عمدو خنجر پيو ليٽا پائي، پير ۾ سليپر؛ هوڏانهن ولايت ۾ ٻالڪن لاءِ ناچوُ ڪٽي جو ويس، يا ڇوڪر جو سٽڻ مٿان ڪوٽ واسڪوٽ. پر جي سنڌن ويس ٿو وڻيئي ته سنڌن هلت سا ضرور توکي پسند پوندي پاڻڪان وڏن سان گهڻو وقت گذارڻ ڪري انهيءَ عمر ۾ اُٿڻ وهڻ ۽ ٻي فضيلت سکن ٿا، جڏهين تنهنجا انگريز ٻچا هڪ وڏي ڪليل پيٽي، يعني دائي خاني ۾ ٻاند رکڻ جا لائق آهن. هت ڇوڪرا ٻيءَ اڳيان باادب اُتي ويهندو، چئبس تڏهين وهندو؛ وڏن جي گفتگوءِ گنڀير ٿي ٻڌندو، ٿوري ۾ ۽ ادب سان جواب ڏيندو ته "ننڍڙا ٻار ڏسڻ لاءِ نه پر ماٺ ڪري ويهي ٻڌڻ لاءِ پئدا ٿيا آهن،" انهي مضمون تي ڪين هدايت ڏيڻ جي

Gul Hayat Institute

ڪپڙي جا تاڪيا ڳنهندي، روڪڙ ڏيندي ڪو ڏڪ نہ واهي ڪير. هوڏانهن هوُ ميان مومن اڳيان لنگهندو تہ ڇپن ۾ هن ڇتيءَ ڪوڙيل، مڇن لڙيل ڪمبخت تي لعنت هڻندو لنگهندو. ڪيس ڏسي اکين ۾ شيطاني چمڪو ٿيندس. پر جيسين شيءِ وٺي پوُرو اگهہ ڏيندس تيسين سڀ سهي ويندوءِ ذرو بہ رنج ظاهر نہ ڪندو.

جڏهين ڏنائين تہ وطن ۾ نہ آهن ڏسڏا نہ آهن ڪارخانا تڏهين ديس ڇڏي پرديس ۾ صرافيءَ جون ڪوٺيون وڃي کوليائين. پنجاهہ سالن اندر وچ ايشيا جي ڳچ ڀاڱي ۾ زور وٺي ويو. ترڪيءَ کان وٺي چين تائين، استراخان کان ويندي ڪجاڪماريءَ تائين ڪو ننڍو وڏو واپاري شهر نہ رهيو جتي شڪارپوري ڪوٺي نہ هُجي. شڪارپور ۾ ويهي اجا بہ درسي هنڊيون ڪيندو جي ڏورانهين ڏيساورن ۾ پهچندي اُمالڪ بنا شڪ مٽائي سگهبيون، انهيءَ اشراف جي هنڊيءَ ڪري وات تي سر بہ سلامت رهندءِ.

ڪاغذ تي خبر ناهي ڪهڙا نشان لڪائي ٿوڪري جو ڪير جعل سازي بہ نٿو ڪري سگهي. اهي نشانيون بہ جٽا سڃاڻن. هڪ هنڊي لکندڙ، ٻيو پڙهندڙ. هاڻي ذرا غور ڪر تہ جن پنن ۾ هڪ سوني سڪي لاءِ ماڻهو جان تا مارين اُتي ڪاڳر جا بہ چار رهڙيل پرزا ڪهڙا نہ ڪارائتا ٿيندا.

شڪارپوري ٻار چڱيري واپاري تعليم وٺي، دڪان

ڪڇيءَ ڦڪيءَ شيءِ ڏي اشارو ڪري وهي، ۽ تون ماٺ ۾ رهينءَ ته هميشه لاءِ مردوُد ڪري ليکيندءِ. ڪو چڙ ۾ ڏاڙهي ۾ هٿ وجهيتّي ته خنجر ڪڍي اُهڙي ڪميڻي کي اُماڻي ڇڏ دوزخ ۾. ڪو مرد يا زال ڏاڙهيءَ تي ۽ آگريون رکي توکان رحم گهري ته پنهنجي سونهاريءَ جي پت رکڻ لاءِ مٿس ترس کج. جهيڙي لاءِ ڪرنهن هڇيتّي ته واهم ۾ ته ڪنهنکي ٻـي ڏاڙهي ڪري مٿـان سڏيـو اٿيتّي. ڪنهنجيءَ سونهاريءَ ۾ ڪکه يا اَن ڪڻو ڏسن ته مٿان هٿ وجهي ڪڍين پر پنهنجيءَ تي هٿ گهمائي اِشارو ڏ جانس.

هاڻ اچ مڇن تي. جي سنيين سان دوستاڻو رستو ڳنڍڻو هجيتّي ته شهپر وتـائي مٿيُن چپ سان سنوت ڏيارين؛ باقي ٻچڙين کي ڇڏي ڏي ته پل پيڻون مـزا ڪن. جي پائين ته زاهد نظر اچان ته ڪتري پٽي پرن جهڙو ڪري ٻهارين. جي شيعن سان اُٿڻ وهڻ چاهين ته ڇڏي ڏين تانجو ۽ ٻهارا ڪڙا تي ٻهن. پر جي پهلوان ليکجڻ تو گهرين ته موڙي وٽـي نـڪ اکين سـان ڪٽي لڳائين. ڏسين مٿان وڙهڻ مهل مروڙ ڏيڻ وسري وڃيتّي. اوڏيءَ مهل چاڙ تـه شينهن گجڻ مهل پنهنجو پڇ تـو مروٽي، پر جي سلوڪ سهٽ ٻچار ڏهاڙا ڪانٽا اٿيتّي ته ٻچڙين کي ڇڏ ته هيٺانهيں وٽي پيئون نمن.

---

# رتـــن

سنڌ جو هڪ ئي سنڌر
۽
سستو ماهوار رسالو

هر مهيني مٿو هر آدرشي، عمديون ۽ انڊرائنٽيون آرٽيڪلون، دل چڪيندڙ ناٽڪون، سنڌر تصويرون ۽ دلچسپ شعرن سان نڪرندڙ. سال شروع سيپٽمبر کان. گراهڪن کي سوا ٻه سؤ صفحن جو پيٽ جو پستڪ ۽ ساليانو نمبر مفت.

ساليانو چندو فقط ٻه روپيه.

اچ ئي گهرايو –

مئنيجر "رتـن" ڪراچي.

Printed by Tahilram Lokumal Punwani,
at the National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind,
and published by Harisundar Rupchand for
"Kouromal Sindhi Sahit Mandal", Hyderabad Sind.

Gul Hayat Institute

## گهر گهر ۾ هئڻ گهرجن

### رتن ساهتيه منڊل جا با تصوير ڪتاب

| | |
|---|---|
| املهه موتي | ٠-٨-٠ |
| لالڙيون | ٠-٨-٠ |
| لال رتن | ٠-٦-٠ |
| نو رتن | ٠-٦-٠ |
| اتهاس جا پردا (ناٽڪ) | ٠-٤-٠ |
| پاءُ پيرڙ يا پتي پتني؟ | ٠-٢-٠ |

### "طوفاني رنگ"

ٽئگور جي بي نظير ناول- گهرو جيوت جو هو بهو فوٽو- قدرت جي ڪارنامن مان هڪ سچو چٽر- طوفان جو قهر! هڪ دارين استري نوجوان وڪيل جي اڳيان پتنيءَ جي روپ ۾ اچلي ٿو وڃي. استري بي خبر آهي. نوجوان جي دل بئي هنڌ اڙيل آهي. هڪ عجيب غريب مسئلو- پڙهي حيران ٿيندا. پنج ڀاڱا گڏ ادائي روپيه. جدا ٣ ڀاڱا هر هڪ ٨ آنه. پويان ٢ هر هڪ ١٢ آنه.

لکو:- مئنيجر "رتن" ڪراچي.

رتن ساهتيه منڊل جا ڪتاب ملي سگهندا:

ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل، ڪاهي رستو، حيدرآباد.

Gul Hayat Institute

# ميراڻي سنڌڙي


Gul Hayat Institute

سنڌ جا مير